# سنڌ حڪومت

# بجيٽ تقرير 2025_26

پاران

## مراد علي شاهه

سنڌ جو وڏو وزير

## صوبي جي ترقي

## عوام لاءِ

# ســنــاءُ



| صفحو | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 3 | **شروعات** | .1 |
| 5 | **هلندڙ مالي سال 2024-25 جي ڪارڪردگي جون جهلڪيون** | .2 |
| 43 | **2024-25 جا نظرثاني ٿيل ڪاٿا** | .3 |
| 46 | **2025-26 بجيٽ ڪاٿن جون جهلڪيون** | .4 |
| 53 | **مالي سال 2025-26 لاءِ نوان اُپاءَ** | .5 |
| 61 | **ٽيڪس سُڌارا** | .6 |
| 62 | **امدادي قدم** | .7 |
| 65 | **پُڇاڙي** | .8 |

**جناب اسپيڪر!**

منهنجي لاءِ اها وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي جو آءٌ هن معزز ايوان آڏو مالي سال 2025-26 لاءِ سنڌ صوبي جي 3,450 ارب رپين جي سالياني بجيٽ پيش ڪري رهيو آهيان.

آءٌ سنڌ جي ماڻهن جي نمائندگي ڪرڻ تي پڻ فخر محسوس ڪري رهيو آهيان جن پاڪستان پيپلز پارٽي کي هن صوبي ۾ سنڌن لاءِ ۽ ايندڙ نسلن لاءِ ترقي وٺرائڻ جي ذميواري ڏني آهي.

پاڪستان پيپلزپارٽي هميشہ عوام جي اميدن تي پورو لهڻ لاءِ اڻٿڪ ڪوششون ڪيون آهن. جنهن لاءِ اسان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي بصيرت مان سگهه حاصل ڪئي آهي. سنڌ جو عوام پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ان جي قيادت سان محبت ۽ مٿن اعتماد ڪري ٿو، جنهن ۾ 2008 کان 2023 تائين پارٽيءَ جي شاندار ڪارڪردگي ان ڳالهه جو ثبوت آهي تہ 2024 جي چونڊن ۾ پيپلزپارٽي کي واضح مينڊيٽ حاصل ٿيو، جنهن هن صوبي جي عوام جي بي لوث خدمت ڪرڻ لاءِ پيپلزپارٽي جي مشن کي بيهر سگهه بخشي آهي. پيپلزپارٽي سنڌ ۾ اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ووٽ حاصل ڪيا، سنڌ اندر پيپلز پارٽي جو ووٽ بينڪ 2018 جي چونڊن ۾ ملندڙ 38.7% ووٽن جي ڀيٽ ۾ 2024 ۾ 45.5% تائين وڌيو، جنهن سبب پارٽي کي سنڌ جي صوبائي اسيمبلي ۾ مڪمل اڪثريت حاصل ٿي.

ان موقعي تي اسان صدر آصف علي زرداري جي رهنمائي ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ولولہ انگيز قيادت هيٺ صوبي جي خوشحالي ۽ شاندار ترقي جون راهون کولڻ جي شروعات جي اٽل عزم جو پڻ اظهار ڪيون ٿا.

**جناب اسپيڪر!**

اڳتي وڌڻ کان اڳ آءٌ الله تعاليٰ جو نهايت شڪر گذار آهيان، جنهن دشمن جي اڳرائي وقت اسان جي حفاظت ڪئي، حوصلو ڏنو ۽ سگهه عطا فرمائي.

هاڻوڪن ڏينهن ۾ اسان جو پيارو وطن پاڪستان هڪ آزمائش هيٺ هو جنهن دوران اسان جي بهادر هٿياربند فوجن: بري فوج، ساموندي فوج ۽ هوائي فوج دشمن جي ناجائز اڳرائيءَ جو بهادري، پيشاورانہ مهارت ۽ اٽل ارادي سان مقابلو ڪيو. اسان جي فوج ان امتحان واري گهڙيءَ ۾ اهڙي اڳرائيءَ کي عزم، خوف کي سگهه ۽ ڏمڪين کي نئين قومي ٻڌيءَ ۾ منتقل ڪيو.

اسان جي بهادر محافظن لاءِ آءٌ اهو چوندس تہ سنڌ توهان کي سلام پيش ڪري ٿي. پاڪستان توهان کي سلام پيش ڪري ٿو توهان نہ صرف سرحدن جو دفاع ڪيو پر 240 ملين پاڪستانين جون دليون کٽي ورتيون.

مونکي انهن قومن ۽ ملڪن جو پڻ دل جي گهرائين سان ۽ مخلصاڻو شڪريو ادا ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي، جيڪي اسان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا ۽ امن لاءِ آواز اٿاريو، ناانصافي جي نندا ڪئي ۽ پاڪستان سان سندس دفاعي حق لاءِ يڪجهتي جو اظهار ڪيو. انهن جي حمايت ان چوڻيءَ کي صحيح ثابت ڪيو آهي تہ امتحان جي گهڙيءَ ۾ سچا دوست ئي ڪم ايندا آهن.

آءٌ هن موقعي تي پنهنجي سموري سياسي قيادت جو پڻ ٿورائتو آهيان جنهن هن بحران واري صورتحال ۾ ڀڏيءَ جو مظاهرو ڪيو. ان دوران پارليامينٽ متفق رهي، وفاق متحد رهيو ۽ اسان سڀني گڏجي دنيا کي اهو ڏيکاريو تہ پاڪستان جي حفاظت سياست کان تمام گهڻي مٿانهين آهي.

اسان جي ميڊيا ذميواري جو مظاهرو ڪيو، حالتن تي ڪرڙي نظر رکندي حب الوطني جو مظاهرو ڪيو جنهن جو پڻ شڪر گذار آهيان جن ڏاهپ سان عوام جي جذبن جي رهنمائي ڪئي ۽ قومي اخلاقيات جي هڪ مضبوط ٿنڀ طور تي ڪردار ادا ڪيو.

سنڌ ۽ پاڪستان جي عوام لاءِ آءٌ اهو چوندس توهان جي دعائن، صبر ۽ اعتماد اسان جي محافظن کي گهربل سگهہ عطا فرمائِي. اسان جي ڀڏي ئي اسان جو دفاع آهي.

آخر ۾ آءٌ هڪ ڀيرو ٻيهر الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪندس، جنهن جون اسان جي پياري وطن، ان جي عوام، ان جي فوج ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي تي اڻ ڳڻيون مهربانيون آهن.

## جناب اسپيڪر!

پاڪستان ترقيءَ جي راهہ تي گامزن آهي. اسان جي معيشت اُسري رهي آهي اسان ڪرپٽو جي عالمي چٽاڀيٽي ۾ قدم رکيو آهي ۽ ملڪ کي سيڙپڪاري جي ترغيب ڏيندڙ ٻڻائي رهيا آهيون. سنڌ حڪومت انهن شعبن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي ۽ ٻين صوبن سان گڏجي هڪ ”اسريل سنڌ“ جو مقصد ماڻڻ گهري ٿي.

## جناب اعليٰ!

اوهان ڄاڻو ٿا ته، سنڌ بنيادي ڍانچي جي ترقي ۽ صوبي جي وانجهيل طبقن جي ترقيءَ جي ترجيح کي نظر ۾ رکندي پنهنجي واعدي جي پورائي لاءِ قدرتي آفتن ۽ سياسي لاهن چاڙهن دوران پنهنجي محدود وسيلن کي محتاط طريقي سان وسيلن کي متوازن رکيو. جنهن جي نتيجي ۾ صحت جي سهولتن ۾ اضافو ٿيو، تعليمي ماحول بهتر ٿيو، سفري سهولتن، ڊرينيج، آبپاشي، زراعت ۽ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي لاءِ بنيادي ڍانچي کي بهتر بڻايو ويو. ان کان علاوه سماجي تحفظ ۽ ميرٽ تي ٻڌل روزگار سنڌ جي عوام لاءِ پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت جا تحفا آهن، جنهن جو لاڀُ حاصل ٿي رهيو آهي. ترقي يافته سنڌ لاءِ اسانجي خواهش اسان ۾ اتساهُ پيدا ڪيو ۽ پهرين ٽن دورن ۾ اسانجي حڪومت جي ڪنيل انقلابي قدمن اٽل ارادي سان اڳتي وڌڻ ۾ اسانجي رهنمائي ڪئي. هن سال بنيادي ڍانچي جي ترقي، بهتر خدمتن جي فراهمي ۽ بهتر حڪمراني لاءِ اسان جون ڪوششون ان جو تسلسل آهن.

سنڌ، آءِ ايم ايف پروگرام 2024 تحت ٿيل قومي مالياتي معاهدي مطابق صوبن ۽ وفاقي حڪومت وچ ۾ طئي ٿيل هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪردار ۽ ذميوارين کان چڱيءَ ريت آگاهه آهي. ان مطابق سنڌ هن سال نئين زرعي انڪم ٽيڪس تي عملدرآمد شروع ڪيو آهي. اسان واهپي وارين شين جي منڊيءَ جي ڪم ڪار ۾ عمل دخل کي گهٽائيندي پنهنجي ڪردار کي ريگيوليٽر مان سهولتڪار ۾ منتقل ڪيو آهي. اهڙي ريت گذرندڙ مالي سال دوران محتاط مالياتي وهنوار ۽ خرچن جو انتظام اسان جا نمايان ڪارناما آهن.

مالي سال 25-2024 استحڪام جو سال رهيو. هي اسيمبلي موجوده مالي سال 25-2024 جي پڄاڻي ڪري رهي آهي، ان موقعي تي آءٌ صوبائي ڪابينا ۽ هن ايوان پاران بچت وارن اُپائن ۽ عوامي پاليسين تي اثرائتي عملدرآمد لاءِ حمايت ۽ رهنمائي لاءِ شڪر گذار آهيان، جنهن سان عوام کي سياسي، سماجي ۽ معاشي غير يقيني واري امتحان واري گهڙيءَ کي برداشت ڪرڻ ۾ مدد فراهم ٿي. انهن وِيچارن سان آءٌ هن معزز ايوان آڏو هلندڙ مالي سال 25-2024 ۾ سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي جو مختصر تفصيل پيش ڪرڻ چاهيندس.

**جناب اسپيڪر!**

سنڌ حڪومت 3,056 ارب رپين جي متوازن بجيٽ جي بنيادن تي هلندڙ مالي سال 2024-25 لاءِ پنهنجي مالياتي وهنوارن جي شروعات ڪئي ۽ جيئن ته اسانکي آءِ ايم ايف جي معاهدي جي ڪڙيءَ طور سال جي پُڄاڻيءَ تي 299 ارب رپين جي بنيادي واڌو نقد رقم ڏيکارڻي هئي. جنهن مان مراد حڪومت کي بيهر ايندڙ ۽ ترقياتي خرچن کي مربوط ڪرڻ هو ۽ ان کي پڻ يقيني بڻائڻ هو ته خدمتن جي اثرائتي فراهمي لاءِ رقم جو تسلسل برقرار رهي.

هن سال دوران اسانجي ترجيحن جي ڏس ۾ ڪيترائي چئلينجز درپيش رهيا. هلندڙ مالي سال جي پهرين يارهن مهينن ۾ وفاقي حڪومت وٽان صوبي کي اين ايف سي ايوارڊ تحت ان جي حصي طور 1,645 ارب رپيا وصول ٿيڻ جي اُميد هئي تنهن جي باوجود هن مهل تائين 1,363 ارب رپيا وصول ٿيا آهن جن جي نتيجي ۾ 282 ارب رپين جي ڪوٽ ٿي آهي. ان ڪوٽ جي باوجود صوبائي حڪومت پنهنجي خرچن ۽ ترجيحن جو بهتر انتظام ڪيو.

ترقياتي خرچ لاءِ اسان کي 665 ارب رپيا جاري ڪيا ويا جن مان 590 ارب رپيا هلندڙ مالي سال جي پُڄاڻيءَ تائين ڪتب آڻڻ جو امڪان آهي.

هي سال هن صوبي جي مالياتي تاريخ ۾ تمام وڏي ترقياتي خرچ جو سال ليکيو ويندو ۽ اسان کي 1400 کان وڌيڪ ترقياتي رٿائون مڪمل ڪرڻ جي اُميد آهي. جيڪي تعداد ۾ اڳ جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻيون آهن.

صحت ۽ تعليم جي شعبن لاءِ گڏيل طور تي جاري ڪيل رقمون 701 ارب رپيا آهن. مالياتي سال جي پُڄاڻيءَ تي ٻنهي شعبن ۾ خرچ ڪيل رقم لڳ ڀڳ 661 ارب رپيا ٿيندي جيڪا گذريل سال جي اصل خرچ کان 110 ارب رپيا وڌيڪ هوندي. اهڙي سيڙپڪاري سرڪاري شعبي ۾ خدمتن جي فراهمي واري عمل کي تمام وڏي هٿي وٺرائي آهي. جيتوڻيڪ ناڻي جي ڪوٽ سبب اسان کي ڪيترائي چئلينجز درپيش رهيا آهن، جن ۾ خاص طور تي موجوده آءِ ايم ايف پروگرام تحت مالياتي معاهدن تي عمل درآمد ڪرڻ شامل آهي.

مٿي بيان ڪيل مالياتي ۽ معاشي ڏکيائين جي باوجود، اسانجي حڪومت سخت جدوجهد سان اڳتي وڌي ۽ اڄ آءٌ هن معزز ايوان جي اڳيان ڪجھ ڪارنامن جو ذڪر ڪندس. آءٌ پهرئين مرحلي ۾ صحت جي شعبي ۾ اسانجي ڪارگذارين ۽ ڪارنامن جو ذڪر ڪندس.

## صحت جي شعبي ۾ ڪارناما

صحت جي شعبي ۾ مفت طبي سهولتن جي فراهمي اسانجي حڪومت جي اولين ترجيح رهي آهي. صحت جي شعبي لاءِ هلندڙ مالي سال دوران اسانجي بجيٽ 334 ارب رپيا هُئي جنهن مان 285 ارب رپيا جاري ڪيا ويا، اسان ان ڳالھ کي يقيني بڻايو تہ اها تمام وڏي رقم عوام جي ضرورتن کي پورو ڪري ۽ هر هڪ پئسي کي اثرائتي نموني خرچ ڪيو وڃي.

## نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيوويسڪيولر (اين آءِ سي وي ڊي) جي ڪارڪردگي

اين آءِ سي وي ڊي پاڪستان ۾ دل جي نگهداشت جي سهولت واري اعليٰ اداري جي حيثيت برقرار رکي آهي جنهن هلندڙ مالي سال دوران 1.4 ملين کان وڌيڪ مريضن کي عالمي سطح جون مفت طبي سهولتون فراهم ڪيون جن ۾ ٻين صوبن پنجاب، بلوچستان، خيبر پختونخواھ ۽ گلت بلتستان کان ايندڙ 160,427 مريض پڻ شامل آهن جن کي بہ ساڳئي معيار جو مفت علاج فراهم ڪيو ويو

**سال 25-2024 ۾ اين آءِ سي وي ڊي جا اهم ڪارناما هيٺين ريت آهن:**

10,000 کان وڌيڪ اينجيوپلاسٽيز (ايمرجنسي لائيف سيونگ پروسيجرز)

4,500 کان وڌيڪ اليڪٽو ۽ ارلي ايجنيوپلاسٽيز

1702 ادلٽ ڪارڊڪ سرجريز

1,450 پيڊياٽرڪ ڪارڊڪ سرجريز

2061 پيڊياٽرڪ انٽروينشنز/پروسيجرز

75 اسٽروڪ انٽروينشنز/ٽريٽمينٽس

299 پي ٽي ايم سي پروسيجرز (منيملي انويسو پروسيجر)

ڊائگنوسٽڪس ۽ ايمرجنسي سروسز ۾، اين آءِ سي وي ڊي هيٺيان ڪارناما سرانجام ڏنا آهن:

90 هزار کان وڌيڪ ايڪو ڪارڊيوگرافي ڪيون ويون.

276,733 ايمرجنسي وارن مريضن جو علاج ڪيو ويو.

333,760 آئوٽ پيشنٽس ڪنسلٽيشنز (او پي ڊي) ڪئي وئي.
54,347 مريضن کي داخل ڪيو ويو.

## صوبائي حدون پار ڪرڻ۔ هڪ تاريخي قدم

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اين آءِ سي وي ڊي دل جي مريضن جي علاج جي خصوصي سهولتن کي سنڌ جي سرحدن کان اڳتي وڌائي ڇڏيو آهي، جن ۾ ڪوئيٽا، بلوچستان اندر مفت پيڊياٽرڪ ڪارڊڪ سروسز جي شروعات ڪئي وئي آهي، جتي 100 کان وڌيڪ دل جي مرض ۾ مبتلا ٻارڙن جي سرجري ۽ 250 کان وڌيڪ ٻارڙن جو علاج ڪيو ويو آهي.

نئين مالي سال لاءِ اين آءِ سي وي ڊي جا اهم هدف هيٺئين ريت آهن:

سيپٽمبر 2025 تائين جديد سهولتن ۽ وڌايل صلاحيتن سان سلهاڙيل هڪ نئين آئوٽ پيشنٽ ڊپارٽمينٽ (او پي ڊي) کي فعال بڻايو ويندو.

داخل مريضن لاءِ معياري کاڌي جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ لاءِ نئين ميس جي تعمير ڪئي ويندي.

ڳنڀير جوکي مريضن جي انگ ۾ اضافي کي مُنهن ڏيڻ لاءِ 100 بسترن تي ٻڌل جديد ايمرجنسي روم (اي آر) قائم ڪيو ويندو.

تدريسي تقريبن، ڪلينڪل ورڪشاپس ۽ بين الاقوامي طبي اشتراڪن لاءِ 300 ماڻهن جي گنجائش وارو ڪانفرنس هال تعمير ڪيو ويندو.

اين آءِ سي وي ڊي جي طبي ترقي ۾ سرواڻي واري حيثيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ هڪ مخصوص ڪلينيڪل ٽرائل يونٽ قائم ڪيو ويندو ته جيئن ڪارڊيو وسڪيولر ميڊيسنز ۾ تحقيق ۽ ايجاد واري عمل کي هٿي وٺرائي سگهجي.

## سنڌ انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊزيزز (ايس آءِ سي وي ڊي)

هن وقت ايس آءِ سي وي ڊي جي نيٽ ورڪ ۾ 10 اسپتالون، 29 چيسٽ پين يونٽ، 14 ڪيٿ ليبس سميت 9 آپريشن ٿيٽر ۽ 813 بيڊز شامل آهن. هلندڙ مالي سال دوران ايس آءِ سي وي ڊي نيٽ ورڪ ذريعي اٽڪل 20 لک مريضن جو علاج ڪيو ويو.

ان سان گڏوگڏ 11419 اينجوپلاسٽي ڪيس
31852 اينجوگرافي ڪيس
1618 ٻارن جا انٽروينشنس

1608 اوپن هرٽ سرجري (بالغ مريض)

537 ٻارن جي دل جو آپريشن

ان ڪان سواءِ ٽنڊو محمد خان ۽ سکر ۾ اسٽروڪ پروگرام شروع ڪيو ويو جنهن ۾ 100 ڪان وڏيڪ ڪيسن جو ڪامياب علاج ڪيو ويو.

ٽنڊو محمد خان ۾ ٻہ نوان آپريشن ٿيٽر ۽ سي ايس ايس ڊي قائم ڪيا ويا.

حيدرآباد ۾ ايمرجنسي سينٽر کي نئين سر تعمير ڪري بهتر بڻايو ويو.

ايس آءِ سي وي ڊي سکر ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ 90 پي ٽي ايم سي جا پروسيجر سرانجام ڏنا ويا.

جڏهن تہ ايس آءِ سي وي ڊي جي نيٽورڪ تحت ڪارڊيڪ اِي پي جي سهولت جهڙوڪ عارضي پيس ميڪر (ٽي پي ايم) ، مستقل پيس ميڪر (پي پي ايم) جي سهولت جي مختلف سينٽر تي دستيابي.

ان سان گڏوگڏ سکر ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ زندگي بچائڻ جي اوزارن جهڙوڪ ايمپلانٽيبل ڪارڊيوورٽر ڊيفبريليٽرس (آءِ سي ڊي) ۽ ڪارڊيڪ ريسائينڪرونائيزيشن ٿراپي (سي آر ٽي) جي شروعات ڪئي وئي آهي. هن سال ان نيٽ ورڪ ذريعي 724 ٽي پي ايم ۽ 548 پي پي ايم جا پروسيجر سرانجام ڏنا ويا. هلندڙ مالي سال ۾ بلديہ ٽائون ۾ 65 بسترن جي دل جي نئين اسپتال قائم ڪئي وئي جڏهن تہ گلشن حديد ۾ هڪ سيني جي سور (چيسٽ پين) جو يونٽ عمل ۾ آندو ويو.

**نئين مالي سال ۾ ايس آئي سي وي ڊي نيٽ ورڪ جا منصوبا :**

سکر ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ هر سال تقريبن 300 نيورو اسٽروڪ جي مريضن کي علاج جي سهولت فراهم ڪئي ويندي.

شهيد بينظيرآباد ۾ اسپتال کي 30 کان 60 بسترن تائين وڌائي ٻيهر تعمير ۽ منتقل ڪرڻ.

شهداد ڪوٽ، دادو، ننگر پارڪر ۽ سانگهڙ ۾ 04 نوان چيسٽ پين يونٽس کولڻ

بلديہ ٽائون ۾ دل جي آپريشن ۽ اسٽروڪ جو علاج ڪرڻ

حيدرآباد، سکر ۽ بلديہ ۾ 3 اِي پي ليبارٽريون قائم ڪرڻ

**پير سيد عبدالقادر شاهہ جيلاني انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز، گمبٽ**

گمز پاڪستان جو واحد ادارو آهي، جيڪو هڪ ئي جاءِ تي پنج (5) انساني عضون جي پيوندڪاري جي سهولتن جون خدمتون فراهم ڪري رهيو آهي .قومي ۽ عالمي سطح تي تسليم ٿيل، پير سيد عبدالقادر شاهه جيلاني انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز گمبٽ، طبي تعليم، تحقيق ۽ علاج جون سهولتون هڪ ئي ڇت هيٺ مهيا ڪرڻ جي حوالي سان منفرد حيثيت رکي ٿو. هي ادارو مختلف طبي ۽ صحت جي شعبن ۾ انڊرگريجوئيٽ ۽ پوسٽ گريجوئيٽ پروگرام پيش ڪري ٿو.

اداري جي هن مالي سال دوران اهم ڪاميابين ۾ شامل آهن:

جگر جي پيوندڪاري واري يونٽ کي جديد ترين "ليور ٽاور" تائين وڌائڻ، جيڪو هاڻ افتتاح لاءِ تيار آهي.

روبوٽڪ آرٿوپلاسٽي جو قيام (جنهن ۾ گوڏي، هپ جوائنٽ جي تبديلي ۽ ڪرنگهي جي هڏي جي سرجري شامل آهن).

جديد روبوٽڪ نيورو ڪمپليڪس جو قيام، جنهن ۾ برين ليب ۽ روبوٽڪ سرجري شامل آهي.

ڪارڊيوٿوريسڪ ڪمپليڪس جو قيام، جنهن ۾ "روبوڪيٽ" به شامل آهي.

17 جديد ICU ڪمرا، جنرل ICU ۽ ماڊيولر آپريشن ٿيٽرن جو قيام.

**جيل وارڊ جو قيام.**

پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت مفت دسترخوان جو بندوبست، جيڪو روزانو 1000 کان وڌيڪ ماڻهن (مريضن ۽ سندن تيمارداران) کي کاڌي جي سهولت فراهم ڪري ٿو.

سيلولر ٿراپي سينٽر جي عمارت مڪمل ٿي چڪي آهي ۽ هاڻ ان ۾ مشينري لڳائي ويندي.

هاڻي آءٌ اوهان جي آڏو گمز GIMS پاران مهيا ڪيل خدمتن مان فائدو وٺندڙ ماڻهن جا انگ اکر پيش ڪندس:

جگر جي پيوندڪاري:

هينئر تائين 1227 ڪامياب جگر جون پيوندڪاريون ڪيون ويون آهن، جنهن جي بنياد تي هي ادارو پاڪستان جو سڀ کان وڏو جگر پيوندڪاري پروگرام بڻجي چڪو آهي. سال 2024-25 (مئي تائين) دوران 308 جگر جون پيوندڪاريون انجام ڏنيون ويون آهن.

## گڙدي جي منتقلي:

هينئر تائين 344 ڪامياب گڙدي جون منتقليون ڪيون ويون آهن، جڏهن تہ هن مالي سال (CFY) دوران 44 گردي جون منتقليون انجام ڏنيون ويون آهن.

**ڪاڪليشا امپلانٽ سرجريز:**

هينئر تائين 284 ڪامياب ڪاڪليا امپلانٽ سرجريون ٿي چڪيون آهن، جن مان 84 سرجريون هن مالي سال (CFY) دوران ڪيون ويون آهن.

**هيماٽولاجي ۽ بون ميرو ٽرانسپلانٽ جو مرڪز**

**ڪل منتقليون** (ٽرانسپلانٽ): 123 **ڪيس**

**سال** 2024-25 ۾: 51 **ڪيس**

**آنڪالاجي ڊپارٽمينٽ**

**ڪل مريض** : 637 LINAC (3D-CRT)ريڊيوٿراپي

ڪارنيئل ٽرانسپلانٽ ( گمز ۾ اکين جو شعبو)

340ڪامياب ڪارنيئل ٽرانسپلانٽ جو تعداد:

2024-2025 ريپڊ ريسپانس سينٽر

ايمرجنسي ۾ آيل ڪل مريض: 78,293

**سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيو نيٽالاجي (SICHN)**

آئون اهو ٻڌائيندي فخر محسوس ڪيان ٿو تہ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيو نيٽالاجي (SICHN) پاڪستان ۾ نون ڄاول ٻارن جي سار سنڀال ۾ سڀ کان اڳڀرو آهي. هي ملڪ جو سڀ کان وڏو ۽ واحد صوبائي سطح جو نيونيٽل نيٽورڪ آهي.

ٻيا رڳو ڳالهيون ڪن ٿا، سنڌ عمل ڪري ٿي، سنڌ جي سيني ڊويزنن ۾ SICHN عالمي معيارن سان هم آهنگ شرح سان جيڪي ترقي پذير ملڪن لاءِ مثالي آهن، پنهنجي مرڪزن جي ذريعي اسانجي نازڪ ٻارن جون زندگيون بچائي رهيو آهي.

**سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيو نيٽالاجي نيٽورڪ**

ٿوري وقت يعني صرف ٽن سالن کان بہ گهٽ عرصي ۾ SICHN نيٽ ورڪ هڪ ملين کان وڌيڪ ٻارن کي سهولتون مهيا ڪري چڪو آهي، ۽ هاڻ هي نيٽورڪ وڌيڪ وسعت اختيار ڪري چڪو آهي، جتي 700 کان وڌيڪ بيڊز موجود آهن. جنهن ۾شامل مرڪز هيٺ ڏجن ٿا:

چلڊرين اسپتال، ڪورنگي

**چلڊرين اسپتال، سکر**
**نيو نيٽل يونٽ، جناح اسپتال(JPMC)**
**انٽينسو ڪئير يونٽس، شهيد بينظير آباد**
**سوپراج ميٽرنٽي اسپتال**
**ماءُ ۽ ٻار جي صحت جو مرڪز اعظم بستي**
**انٽينسو ڪئير يونٽس، لاڙڪاڻو**

**NICU پاڪستان جو سڀ کان وڏو نيو نيٽل انٽينسو ڪئير نيٽورڪ آهي جنهن ۾ 262 انڪيوبيٽرز موجود آهن. هي نيٽورڪ دنيا جي وڏن نيٽورڪن مان هڪ آهي، جيڪو 500 گرام وزن وارن نون ڄاول ڪمزور ٻارن جون زندگيون به بچائي رهيو آهي.**

**PICU پاڪستان جو سڀ کان وڏو پيڊياٽرڪ انٽينسو ڪئير نيٽ ورڪ آهي جنهن ۾ 114 بيڊز موجود آهن، جيڪي سخت بيمار ٻارن جي علاج لاءِ مخصوص آهن.**

- **وينٽيليٽرز _ پاڪستان جي سڀ کان وڏي نيٽ ورڪ ۾ 114 وينٽيليٽرز ۽ 155هاءِ فلو وينٽيليٽرز شامل آهن.**
- **ڊيٽا بيس _ پوري نيٽ ورڪ ۾ HMIS (Health Management Information System) سان مرڪزي طور ڳنڍيل ڊيٽابيس.**
- **مرڪزي ليبارٽري _ خاص ٽيسٽن لاءِ مرڪزي ليب جو قيام ته جيئن فنڊز جو وڌيڪ بهتر استعمال ممڪن ٿي سگهي.**
- **نيو نيٽل اسڪريننگ _ ڄمڻ وقت ٻارن لاءِ ڪنجنائٽل ٿائرائيڊ اسڪريننگ ۽ ٻُڌڻ جي صلاحيت جي جاچ.**
- **سکر چلڊرين اسپتال ۾ آڪسيجن جو خودڪار پيداوار وارو پلانٽ.**
- **سکر ۾ جديد MRI مشين جي فراهمي**
- **افرادي قوت جي تربيت**

**هن ترقيءَ کي اڳتي وڌائيندي، سنڌ حڪومت فخر سان اعلان ڪري ٿي ته مالي سال 2025-26 ۾ SICHN جي واڌاري جو ايندڙ مرحلو شروع ڪيو پيو وڃي. ان واڌاري ۾ شامل آهن:**

- ✓ **ڄامشورو ۾ نئين ماءُ ۽ نئين ڄاول ٻار جي صحت واري اسپتال جو قيام ۽ ميرپورخاص ۾ چلڊرين اسپتال جو قيام جڏهن ته ڇهن نون سيٽلائيٽ سينٽرز جي**

قيام جو آغاز ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ شهدادپور، قمبر شهدادڪوٽ، سجاول ۽ ميرپور ماٿيلو شامل آهن.

- ✓ هن واڌاري سان نيٽ ورڪ سنڌ جي سڀني ڊويزنن ۽ ڪجھ ضلعن تي پکڙجي ويندو. مستقبل جو منصوبو آهي ته مستقبل ۾ سنڌ جي سڀني ضلعن ۽ تعلقن کي به سيٽلائيٽ سينٽرز ذريعي ڪور ڪيو وڃي.

## جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر (JPMC) ۾ ترقياتي ڪم

سنڌ حڪومت پنهنجي پائيوارن سان گڏجي گذريل 13 سالن دورانJPMC ، NICH ۽ NICVD جهڙن اهم ادارن کي مڪمل طور تي تبديل ڪري بهتر بڻائي ڇڏيو آهي. وفاقي حڪومت جي دور ۾ JPMC ، NICH ۽ NICVD ۾ مجموعي بسترن جو انگ صرف 2,092 هو، جيڪو هاڻ وڌائي 4,041 بيڊز تائين پهچايو ويو آهي. هن نئين مالي سال ۾ JPMC ۾ 12 ماڙ نئون ميڊيڪل ٽاور 07 ماڙ آفيسر وارڊ جو تعميراتي مڪمل ڪيو ويندو، جيڪو ملڪ جي وڏي ۾ وڏي صحت جي سهولت فراهم ڪندڙ ادارو بڻجي ويندو جڏهن ته دنيا جي وڏن طبي مرڪزن مان هڪ هوندو.

سال 2011ع ۾ انهن ٽنهي ادارن JPMC، NICH، ۽ NICVD ۾ آيل مريضن جو انگ صرف 16 لک (1.6 ملين) هو، جيڪو 2025ع ۾ وڌي 40 لک (4 ملين) کان به مٿي ٿي ويو آهي. اختيار جي منتقلي وقت، انهن ادارن جي سالياني بجيٽ صرف 1.9ارب رپيا هئي، جڏهن ته اڄ اها بجيٽ وڌي 30 ارب رپين کان به وڌي چڪي آهي.اڄ هي ٽئي ادارا جديد ترين طبي سامان سان ليس آهن، ۽ تقريباً سڀئي CT اسڪينرز، MRI اسڪينرز، ۽ اينجيوگرافي جون مشينن سان مڪمل طور تي آپريشنل بڻايا ويا آهن ته جيئن عوام کي عالمي معيار جون صحت جون سهولتون مهيا ڪري سگهجن.

سنڌ حڪومت، Patients Aid Foundation (PAF-JPMC) جي سهڪار سان Radiation Oncology شعبي ۾ بهتري آڻي سائبرنائيف، ٽوموٿراپي جي سهولت فراهم ڪرڻ جي قابل بڻايو ويو آهي. اها ڳالهه سنڌ جي هر شهري لاءِ فخر جو سبب آهي ته JPMC دنيا جو واحد طبي مرڪز آهي، جتي بغير ڪنهن قومي، نسلي ۽ مذهبي فرق جي سائبرنائيف ۽ ٽوموٿراپي جهڙيون مهانگي علاج جون سهولتون مفت مهيا ڪيون وڃن ٿيون. JPMC ڪراچي مان 168 شهرن ۽ 16 مختلف ملڪن مان آيل مريضن کي مفت علاج جون

سهولتون مهيا ڪيون ويون آهن، جيڪو سنڌ حڪومت جي صحت واري شعبي لاءِ غيرمعمولي ڪاميابي آهي.

مريضن جي وڌندڙ انگ کي نظر ۾ رکندي، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت تي، سنڌ حڪومت طرفان PAF-JPMC کي 4.1 ملين آمريڪي ڊالر جي گرانٽ ڏني وئي، جنهن سان ٿيون جديد ترين سائبرنائيف مشين Model S7 FIM خريد ڪيو ويو، جنهن جو افتتاح پڻ محترم چيئرمين صاحب پاڻ ڪيو.

ان کان علاوه سنڌ حڪومت PAF-JPMC ۽ ايڊي فائونڊيشن جي تعاون سان JPMC ۾ "بلقيس عبد الستار ايڊي بريسٽ ريڊيئيشن بي "جي تعمير شروع ڪئي آهي، جتي بريسٽ ڪينسر جي مريضن لاءِ جديد ترين علاج فراهم ڪيو ويندو. ان مرڪز ۾ دنيا جون جديد ترين به ريڊيئيشن مشينون "Helix Tomotherapy"نصب ڪيون وينديون، جن سان Surface Guided Radiotherapyذريعي روزاني 160مريضن تائين محفوظ ۽ صحيح شعاعون پهچائڻ کي يقيني بڻايو ويندو. اُتي اسان دنيا جون جديد ترين به ريڊيئيشن مشينون "Helix Tomotherapy"نصب ڪنداسين، جيڪي Surface Guided Radiotherapy جي سهولت سان ليس هونديون، ته جيئن روزانه گهٽ ۾ گهٽ 160 مريضن تائين محفوظ ۽ درست شعاعن جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي.

اهم ڳالهه اها آهي ته هتي صرف عورت اسٽاف موجود هوندو، ته جيئن مريض عورتن کي اعتماد سان علاج جي سهولت ملي سگهي. انشاءَ الله، هي سهولت ايندڙ مالي سال ۾ مڪمل ٿي ويندي. هن سال دوران JPMC ۾ هيٺيان شعبا نئين سر ٺهرايا ويا يا مرمت ڪيا ويا: پلاسٽڪ سرجري، ڊينٽل (ڏندن جو شعبو)، ٿليسيميا، ڪلينڪل ليب،گائني ليبر روم آپريشن ٿيٽر، ڪلينڪل آنڪالاجي، جڏهن ته آڪيپيشنل ٿراپي ۽ مصنوعي عضون جي ورڪشاپ ايندڙ مالي سال ۾ مڪمل ڪئي ويندي.

جي پي ايم سي (JPMC) پنهنجي سرجيڪل ڪمپليڪس ۾ جديد روبوٽڪ سرجري متعارف ڪرائي آهي، جيڪا پيچيده آپريشنن لاءِ هڪ اهم پيش رفت آهي.ان سان گڏوگڏ JPMC ۾ نئين خاص شُعبن جو پڻ آغاز ڪيو ويو آهي جن ۾ فيٽو-ميٽرنل (Feto-Maternal) ، واسڪولر سرجري ، ان سان گڏ، مريضن جي ڊيٽا کي محفوظ رکڻ ۽ طبي تحقيق لاءِ PACS (Picture Archiving and Communication System) به نصب ڪيو ويو آهي، جيڪو جديد اسپتالن جو لازمي حصو آهي.

## ايس آئي يو ٽي _ ڪميونٽي ۽ حڪومت جي ڀائيواريءَ تي ٻڌل مفت صحت جو سهولتون فراهم ڪندڙ هڪ جديد ادارو

سنڌ حڪومت جي سهڪار سان ايس آئي يو ٽي ڏکڻ ايشيا جو هڪ وڏي اداري طور تي اُڀري آيو آهي جيڪو يورولاجي، نيفرولاجي ، ٽرانسپلانٽيشن، هيپٽو گيسٽرو اينٽريولاجي، اونڪولاجي ۽ پيڊرياٽرڪ جون مفت طبي سهولتون فراهم ڪري رهيو آهي. گذريل 54 سالن جي سفر ۾ ايس آئي يو ٽي مان 35 ملين مريضن جو علاج ڪيو ويو. ايس آئي يو ٽي هاڻي 16000 بيڊن ۽ 82 شعبن تي ٻڌل ملڪ جو هڪ جديد طبي سهولت فراهم ڪندڙ ادارو آهي جنهن ۾ تقريبن 400 ڊائلاسز مشينون جن وسيلي 30 سيڪڙو پاڪستان ۽ 60 سيڪڙو سنڌ جي مريضن کي ڊائلاسز سهولت فراهم ڪري رهيو آهي. هن وقت تائين 7,500ڪان وڌيڪ گردن جي ڪامياب پيوندڪاريون ڪري چڪو آهي، جنهن سان اهو ادارو پاڪستان جو سڀ کان وڏو گڙدن جي منتقلي جو مرڪز بڻجي ويو آهي. SIUT نه صرف زندگي ڀر جي فالو اپ خدمتون مهيا ڪري ٿو، پر مفت دوائون به فراهم ڪري ٿو، جنهن سان مريضن کي بنا مالي بار جي مستقل علاج ملي ٿو. SIUT وٽ 5 جديد Lithotripters موجود آهن، جن جي ذريعي گردي، مثاني ۽ پٿري جي ٻين بيمارين جو علاج بغير آپريشن جي جديد طريقي سان ڪيو ويندو آهي. هن ٽيڪنالاجي سان SIUT پاڪستان ۾ پٿري جي علاج لاءِ سڀ کان اڳيرو ادارو بڻجي چڪو آهي. اداري وٽ 5 سرجيڪل روبوٽ به موجود آهن، جيڪي شهري توڙي ڳوناٺن علائقن جي مريضن لاءِ جديد ترين روبوٽڪ سرجري جون مفت سهولتون مهيا ڪن ٿا. SIUT پاران تازو ئي پاڪستان جي تاريخ جي پهرين دفعوهڪ ڀار جي "Harmony Transcatheter Pulmonary Valve Implantation" ڪاميابيءَ سان عمل ۾ آندو ويو جيڪو هڪ غيرمعمولي طبي ڪاميابي آهي.

هلندڙ مالي سال (CFY) دوران SIUT پنهنجي 10سينٽرن ذريعي 42 لک (4.2 ملين) کان وڌيڪ مريضن کي مفت ۽ عزت ڀرئي علاج جون سهولتون مهيا ڪيون. انهن مان 70 سيڪڙو کان وڌيڪ مريض سنڌ صوبي سان واسطو رکندڙ هئا، جيڪو SIUT جي سنڌ سان مضبوط وابستگي جو ثبوت آهي.

SIUT جي مين سينٽر (Civil Hospital) پاران هن مالي سال دوران هينيون طبي خدمتون سرانجام ڏنيون ويو:

- 664226 ٻاهرين مريضن (OPD) کي هفتي ۾ 63 OPDs ۽ 24 ڪلاڪ ايمرجنسي سروس ذريعي علاج فراهم ڪيو ويو.
- 77099 اندروني مريضن (Inpatient) کي داخل ڪري اسپتال اندر طبي سهولت فراهم ڪئي وئي.
- 238,152 مريضن کي 150 ڊائلاسز مشينن ذريعي سهولت فراهم ڪئي وئي.
- 547,735 مريضن کي جديد ريڊيولوجيڪل ٽيسٽن جي سهولت ڏني وئي.
- 12.2ملين (1 ڪروڙ 22 لک) کان وڌيڪ مختلف ليبارٽري ٽيسٽ ڪيا ويا.
- 104,477 آپريشن ڪيا ويا، جن مان 759 وبوٽڪ آپريشن شامل هئا.
- 28,350 ڪينسر مريضن کي ريڊيو ۽ ڪيمو ٿراپي سيشن مهيا ڪيا ويا.

## SIUT مهرالنساء ڪمپليڪس پاران فراهم ٿيندڙ سهولتون:

- ڊائلاسز جي سهولت حاصل ڪندڙ مريضن جو تعداد 62281 آهي.
- OPD مريضن جو تعداد 10,401
- داخل مريضن جو تعداد :1,683
- آپريشن (Surgeries) جو تعداد :4,586
- ليبارٽري ٽيسٽن جو تعداد : 52,786
- PET CT جو تعداد: 1,626

## ڪانوڙ پرائمري هيلٿ ڪيئر سينٽر:

- او پي ڊي مريضن کي سهولت جي فراهمي
- 17864 هيپاٽائيٽس ۽ ٽي بي جي مريضن جي اسڪريننگ ڪئي وئي.
- 7500 ريڊيالاجي ٽيسٽون
- 64000 ليبارٽري ٽيسٽون ڪيون ويون

## SIUT سيٽلائيٽ ڊائلاسز سينٽرز

ڊائلاسز مريضن جي وڌندڙ تعداد کي نظر ۾ رکندي، SIUTڊائلاسز مشينن ۾ شفٽن ۾ واڌارو ڪيو آهي ته جيئن گُردھ فيل ٿيڻ وارن مريضن جي وڌندڙ بار کي منهن ڏئي سگهجي . SIUT پنهنجي ٽن سيٽلائيٽ سينٽرن (گارڊن، ناظم آباد، ۽ شاهه فيصل ڪالوني) تي 85 ڊائلاسز مشينن جي ذريعي 91,222 ڊائلاسز سيشن مڪمل ڪيا آهن.

## SIUT سکر

217 بيڊن تي مشتمل SIUT ڇٻلاٽي اسپتال پنهنجون خدمتون وڌائيندي ايمرجنسي، اوپي ڊي مريضن، ڊائلاسز ۽ آپريشن ٿيٽر جون سهولتون شروع ڪيون آهن. ان کان علاوه SIUT سکر بائي پاس تي پڻ OPD ۽ ڊائلاسز جون سهولتون ليب ۽ ريڊيولاجي خدمتن سان گڏ فراهم ڪيون پيون وڃن. هن وقت وڏيڪ 80 ڊائلاسز مشينون مفت خدمتون ڏئي رهيون آهن. جن جا انگ اکرهن ريت آهن:

- OPD ۽ ايمرجنسي مريضن جو تعداد 108758
- داخل مريضن جو تعداد 11487
- آپريشن ٿيل مريض 20661
- ڊائلاسز مريض 80211
- ريڊيالاجي مريض 86148
- ليبارٽري ٽيسٽن جو تعداد 1.4 ملين

## SIUT لاڙڪاڻو ڊي ڪيئر سينٽر

سنڌ حڪومت جي مدد سان SIUT لاڙڪاڻو ڊائلاسز جون سهولتون ليب ۽ ريڊيولاجي سپورٽ سان گڏ فراهم ڪري رهيو آهي. اداري پاران 26 ڊائلاسز مشينن ذريعي سال 2024-25 دوران 21,574 ڊائلاسز سيشن مڪمل ڪيا ويا.

## ايس آءِ يو ٽي نوابشاه ۽ شڪارپور سهڪاري سينٽر

سنڌ حڪومت جي گرانٽ سان SIUT هاڻي بينظير انسٽيٽيوٽ آف يورالاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن (BIUT) نوابشاه کي فعال ڪري ڇڏيو آهي، جتي OPD ڊائلاسز، ريڊيولاجي، ليبارٽري، لٿوٽريپسي ۽ آپريشن شروع ڪيا ويا آهن. SIUT انهن سهولتن جي شروعات لاءِ عملي کي تربيت پڻ ڏني آهي. جلد ئي اهو ادارو مڪمل طور تي فعالي يورالاجي، نيفرالاجي ۽ ٽرانسپلانٽ سينٽر بڻجي ويندو، جتي روبوٽڪ سهولتون به موجود هونديون. SIUT شڪارپور ۾ به 10 بيڊن واري ڊائلاسز يونٽ هلائڻ لاءِ مڪمل سهڪار فراهم ڪيو ويو آهي، جتان سال 2024-25 دوران لڳ ڀڳ 2,839 مريض فائدو حاصل ڪري چڪا آهن.

## ايس آءِ يو ٽي جا ايندڙ مالي سالن لاءِ منصوبا

### SIUT ٻارن جي اسپتال

- SIUT ٻارن جي اسپتال سنڌ حڪومت ۽ ڪميونٽي جي سهڪار سان تعمير ڪيو ويو آهي. ٻارن جي يورالاجي، نيفرالاجي، ۽ ڪارڊيالاجي لاءِ آئوٽ پيشنٽ ڪلينڪون اڳ ۾ ئي شروع ٿي چڪيون آهن. هي 300 بيڊن وارو اسپتال جديد دور جي سڀني سهولتن سان ليس هوندو، جن ۾ 9 جديد آپريشن ٿيٽر، لٿوٽريپسي يونٽ، ڪيٿيٽريزيشن ليب، ايمرجنسي خدمتون، 50 بيڊن واري ڊائلاسز يونٽ، ريڊيولاجي جون سهولتون MRI ۽ CT سميت، مڪمل ليبارٽري بلڊ بئنڪ سان گڏ، آئسوليشن روم، سرجيڪل ۽ ميڊيڪلICU ، ۽ ٻارن لاءِ خاص راندين جي جاءِ شامل هوندي.اها اميد آهي تہ اسپتال مالي سال 2025-26 تائين مڪمل طور تي فعال ٿي ويندو.

### SIUT مهرالنسا آنڪالاجي سينٽر

سنڌ حڪومت SIUT کي ايندڙ مالي سال ۾ 2 ارب رُپين جي اضافي گرانٽ فراهم ڪري رهي آهي، جنهن سان نئين پنج ماڙن واري 240 بيڊن واري آنڪالاجي سينٽر جي تعمير مڪمل ڪئي ويندي. سنڌ حڪومت ۽ ڪميونٽي جي سهڪار سان هڪ جديد ريڊيوٿراپي مشين MR صلاحيت سان اڳ ۾ ئي انسٽال ڪئي وئي آهي. ان سان گڏ هڪ روايتي ريڊيوٿراپي مشين بہ لڳائي ويندي. ڪينسر جي آئوٽ پيشنٽ ڊپارٽمينٽ (OPD) ۽ ريڊيوٿراپي جون خدمتون ايندڙ مالي سال ۾ شروع ٿيڻ جو امڪان آهي.

### SIUT سکر بائي پاس تي آنڪالاجي سينٽر

تازو سنڌ حڪومت جي سهڪار سان SIUT سکر بائي پاس تي جديد ڪينسر جي تشخيص لاءِ PET CT ۽ سائيڪلوٽرون جون سهولتون شروع ڪيون ويون آهن. ان سان گڏ، ريڊيوٿراپي مشين لڳائڻ جو پڻ منصوبو آهي. انهن سهولتن سان آنڪالاجي يونٽ مڪمل طور تي قائم ٿي ويندو، جتي ايندڙ مالي سال (2025-26) دوران او پي ڊي مريضن لاءِ سهولت ۽ ڪيموٿراپي پڻ مهيا ڪئي ويندي.

## سکر بائي پاس پروجيڪٽ جو ٻيو مرحلو

سکر باءِ پاس منصوبي جو ٻيو مرحلو ٻـ اينڊڙ مالي سال ۾ شروع ٿيڻ وارو آهي، جنهن جو مقصد هتي مڪمل اسپتال قائم ڪرڻ آهي، جتي يورالاجي، نيفرالاجي، ٽرانسپلانٽيشن ۽ ٻيون خاص طبي سهولتون SIUT ڪراچي جي ماڊل تحت فراهم ڪيون وينديون.

### SIUT جا نيا مرڪز

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو يونيورسٽي (SMBBU) لاڙڪاڻو ۽ SIUT جي وچ ۾ ٿيل مفاهمتي يادداشت (MoU) تحت، اينڊڙ مالي سال ۾ روبوٽڪ سرجري جي سهولتن سان ليس 200 بيڊن وارو يورالاجي سينٽر تعمير ٿيڻ شروع ٿيندو. نئين بن ڊي ڪيئر سينٽرن جو قيام رحيم يار خان ۽ گوجر خان (راولپنڊي) ۾ ڪيو ويندو، جتي ڊائلاسز ۽ لٿوٽريپسي جون سهولتون ميسر هونديون. هر سينٽر ۾ 30 ڊائلاسز مشينون لڳائڻ جو منصوبو آهي.

### انڊس اسپتال اينڊ هيلٿ نيٽورڪ (IHHN)

مان هن موقعي تي سنڌ حڪومت جي هر شهري لاءِ معياري ۽ قابل رسائي صحت جي خدمتن جي واعدي کي ٻيهر ورجايان ٿو. ان واعدي جي تحت، مان خوشيءَ سان اعلان ڪريان ٿو تہ انڊس اسپتال اينڊ هيلٿ نيٽورڪ (IHHN) لاءِ ساليانو گرانٽ 5 ارب رُپين مان وڌائي 8 ارب رُپيا ڪئي پئي وڃي. هي واڌارو صرف مالي قدم نہ، پر پاڪستان جي هڪ انتهائي تبديلي آڻيندڙ صحت جي اداري ۾ حڪمت عمليءَ تحت ڪيل سيڙپڪاري آهي. انڊس اسپتال جي وڌايل گرانٽ سان هيٺ ڏنل خاص ۽ ضروري طبي خدمتون تيزيءَ سان متعارف ڪرايون وينديون:

- ✓ انڊس اسپتال بالغن لاءِ ڪينسر جي مڪمل مفت علاج جون سهولتون مهيا ڪندي، جن ۾ ڪيموٿراپي، ريڊيئيشن ٿراپي، ڪينسر سرجري، ۽ مفت (palliative care) شامل آهن.
- ✓ ٻارن ۽ بالغن لاءِ دل ۽ ڇاتي جي سرجري (Cardiothoracic Surgery)، نيورالاجي ۽ نيوروسرجري، ذهني صحت ۽ روين جي سائنس(Behavioral Sciences) ، واسڪولر سرجري، ۽ جديد اکين جي علاج (Advanced Ophthalmic Care) جهڙيون خاص خدمتون تيزيءَ سان شروع ڪيون وينديون.
- ✓ ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت پروگرام خاص طور تي گهٽ سهولتن وارن علائقن ۾ وڌيڪ مضبوط ۽ وسيع ڪيا ويندا.

- ✓ ايمرجنسي ميڊيسن جي خدمتن جي ذريعي، جيڪي پاڪستان جون سڀ کان وڏيون ۽ جديد ترين خدمتون آهن، انڊس اسپتال جي پهچ ۽ اثر کي وڌيڪ گهرو بڻايو ويندو.
- ✓ پاڪستان جي سڀ کان وڏي مفت ٽيئري ڪيئر اسپتال کي وڌيڪ فعال ڪيو ويندو، جيڪا SAARC علائقي جي واحد-AABB تصديق شده بلڊ ٽرانسفيوزن سينٽر جو گهر آهي.
- ✓ ڏورانهن ۽ پنتي پيل علائقن تائين معيار جي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ، جهڙوڪ DHQ اسپتال بدين جي انتظام هيٺ، جيڪا هڪ ڪامياب پبلڪ-پرائيويٽ پارٽنرشپ جي مثال آهي.

هن پائيداريءَ ذريعي اسين يقيني بڻائي رهيا آهيون ته اسان جي سڀ کان وڌيڪ لاچار پائرن ۽ پيئرن، عورتن، ٻارن ۽ بزرگن کي عالمي معيار جي علاج جي بهتر سهولت مڪمل طور تي مفت فراهم ڪئي وڃي. اسان جي مسلسل سهڪار سبب، انڊس اسپتال هيلٿ نيٽ ورڪ هن وقت پاڪستان جو سڀ کان وڏو ٻارن جي ڪينسر جو سينٽر هلائي رهيو آهي، جتي هر سال 2,500 کان وڌيڪ ٻارن جو علاج ڪيو وڃي ٿو. هي سينٽر علائقي جي سڀ کان وڏي ٻارن جي آنڪالاجي يونٽن مان هڪ آهي، جيڪو جديد ۽ همدرداڻي علاج ذريعي اسان جي ٻارڙن کي بهتر جيئڻ جو موقعو ڏئي ٿو.

انڊس اسپتال سان شراڪتداري، ماءُ ۽ نون ڄاول ٻارن جي صحت جي بهتري ۾ به اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. سنڌ حڪومت جي سهڪار سان، انڊس اسپتال ماءُ ۽ ٻارن لاءِ مربوط سنڀال مهيا ڪري رهي آهي ۽ پاڪستان جي سڀ کان وڏي ماءُ ۽ ٻارن جي صحت جي پروگرام مان هڪ هلائي رهي آهي. هي پروگرام نه رڳو محفوظ ويم کي يقيني بڻائي ٿو، پر اهڙين عورتن لاءِ جان بچائيندڙ سهولتون به مهيا ڪري ٿو، جيڪي پيچيده طبي حالتن کي منهن ڏئي رهيون آهن، خاص ڪري اهي عورتون جيڪي پنتي پيل علائقن ۾ رهن ٿيون.

اهڙو قدم صرف شهرن تائين محدود ناهي. ضلعي بدين جي ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال (DHQ) ۾ انڊس ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته ڪهڙي ريت هڪ بهتر طريقي سان هلندڙ پبلڪ-پرائيويٽ پارٽنرشپ شهر ۽ ٻهراڙي واري وڇوٽيءَ کي ختم ڪري سگهجي ٿو ۽ هر شهري کي دروازي جي چانئٺ تي معياري علاج آڻي سگهي ٿي، پلي اهي ڪٿي

ٻه رهندڙ چونه هُجن. هي صرف شراڪتداري ناهي— پر سرڪاري صحت جي سهولتن جي نئين سر جوڙجڪ آهي.

اسان پنهنجي انهيءَ اصول تي قائم آهيون ته صحت جي سهولت مراعت نه پر حق آهي ۽ هن مضبوطي سان وڌايل پائيواري ذريعي اسين اڳتي وڌي رهيا آهيون ته ڪو به ٻار، ڪا به ماءُ ۽ ڪو به بزرگ شهري سهولتن ڪان وانجهيل نه رهي.

## امن ۽ امان: پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگي

عوام جي تحفظ، سلامتي ۽ ڀلائي کي يقيني بڻائڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي. مشڪلاتن جي باوجود، سنڌ حڪومت سنڌ پوليس کي انصاف قائم رکڻ، ڌوهن جي خاتمي ۽ اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ مڪمل سهڪار فراهم ڪيو آهي، جتي هر فرد پاڻ کي محفوظ محسوس ڪري.

اسين سيڪيورٽي جي قدمن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ، پوليسنگ کي بهتر بڻائڻ ۽ سڌارن تي عملدرآمد جاري رکندي يقين ڏياريون ٿا ته سنڌ پوليس حڪومت جي ويزن ۽ عزم تي ثابت قدم رهي ڪري ڏوهن جي خاتمي لاءِ ڪم ڪندي، ته جيئن ايندڙ نسلن لاءِ هڪ وڌيڪ محفوظ سنڌ قائم ٿي سگهي.

گذريل سال دوران سنڌ ۾ مجموعي طور قانون ۽ امن جي صورتحال پرامن رهي ۽ ڏوهن تي اثرائتي ڪنٽرول کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائمز خلاف موثر حڪمت عملي ۽ ڪارائتي نفري جي نتيجي ۾ نمايان حد تائين ڪنٽرول حاصل ٿيو.

جون 2024 جي ڏوهن جي انگن اکرن جي مقابلي ۾، گاڏين جي چوري ۽ ڦر 67 سيڪڙو گهٽجي وئي آهي، جڏهن ته پرتشدد اسٽريٽ ڪرائيم ۾ 54 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي. سنڌ پوليس جديد تحقيقاتي طريقن سان ڏوهن جو سراغ لڳائڻ تي ڌيان ڏنو، جنهن سبب ڏوهارين جي نشاندهيءَ جي شرح 81 سيڪڙو تائين بهتر ٿي.

شڪارپور، ڪشمور، گهوٽڪي ۽ سکر ضلعن جي ڪچي وارن علائقي ۾ سنڌ پوليس جو ڏوهارين خلاف آپريشن ڪاميابي سان جاري آهي. 2024 دوران 101 ڏوهاري ماريا ويا ۽ 672 کي گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته 2025 جي پهرين پنجن مهينن دوران 31 ڏوهاري ماريا ويا ۽ 398 کي گرفتار ڪيو ويو.

سنڌ پوليس جي اهڙي بهادريءَ واري ردعمل سبب ڌوهاري گروپن جي سرگرمين، خاص ڪري ڀُنگ لاءِ اغوا جي واقعن تي نمايان حد تائين ڪنٽرول ٿيو آهي. باقي بچيل ڌوهارين خلاف بہ آپريشن جاري آهي ۽ کين گرفتار ڪري مڪمل طور امن بحال ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن.

سنڌ پوليس دهشتگردي خلاف جامع حڪمت عملي تي عمل ڪندي عوامي تحفظ ۽ انتهاپسند عنصرن جي خطري کي ختم ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا آهن. انهن ڪوششن ۾ انٽيليجنس بنياد تي آپريشن، جديد تربيت ۽ ادارن جي وچ ۾ هم آهنگي شامل آهي، تہ جيئن سڄي صوبي ۾ دهشتگردي خلاف موثر نموني ڪم ڪري سگهجي.

نتيجي طور، سنڌ ۾ آڪٽوبر 2024 ڌاري جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ پرسان چيني شهرين جي قافلي تي خودڪش حملي ڪانسواءِ دهشتگردي جو ڪو بہ وڏو واقعو پيش ناهي آيو. هاءِ پروفائيل واقعي کي سي ٽي ڊي سنڌ طرفان نهايت ٿوري وقت ۾ ڪاميابي سان حل ڪيو ويو. دهشتگرديءَ خلاف مهم دوران سنڌ پوليس سال 2024 ۾ مختلف پابندي مڙهيل تنظيمن سان واسطو رکندڙ 210 دهشتگردن کي گرفتار ڪيو ۽ هلندڙ سال 42 دهشتگردن کي پڪڙيو ويو آهي. سنڌ پوليس سان مقابلي دوران 4 دهشتگرد مارجي ويا. سي ٽي ڊي جي ڪارڪردگيءَ کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ انهن کي جديد ٽيڪنالاجي ۽ ٻيا ضروري وسيلا فراهم ڪيا پيا وڃن. تازو ئي سي ٽي ڊي ۾ فيوزن سينٽر قائم ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ 772 ملين رُپين جي بجيٽ رکي وئي آهي. ان کان علاوه گاڏين جي خريداري لاءِ سي ٽي ڊي کي 633 ملين رُپين جو اضافي فنڊ پڻ ڏنو ويو آهي.

ادارن جي بهتري سنڌ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل رهي آهي. شاهراهن تي سفر ڪندڙ مسافرن کي تحفظ جو احساس ڏيارڻ لاءِ "سنڌ پوليس هاءِ وي پيٽرول" نالي نئون يونٽ قائم ڪيو ويو، جيڪو 40 علائقن تي 71 گاڏين ذريعي 1200 اهلڪارن جي پيٽرولنگ سان پائلٽ منصوبو شروع ڪيو ويو. تفصيلي تجويز تي ڪم جاري آهي تہ جيئن 2153 ڪلوميٽر هاءِ ويز جي ڪوريج 92 گاڏين (جن ۾ 13 اي پي سيز شامل آهن) ۽ 1900 اهلڪارن جي مدد سان باقاعده طريقي سان شروعات ڪئي وڃي.

ٽريفڪ مينجمنٽ ۾ سڌارا انتهائي ضروري ٿي پيا هئا، خاص طور تي ڪراچي ۾ قيمتي انساني جانين جي نقصان جي نتيجي ۾ "فيس ليس اي-ٽڪيٽنگ سسٽم" متعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن ۾ مصنوعي ذهانت تي ٻڌل ڪئميرا روڊ تي هلندڙ ۽ غلط پارڪ ٿيندڙ گاڏين جي ڀڃڪڙين جي پرک ڪندي ۽ پاڻمرادو چالان تيار ڪري خلاف ورزي

ڪنڊڙن جي پٽي تي موڪليو ويندو. مقرر وقت اندر رقم نہ ڀرڻ جي صورت ۾ ڏنڊ ۾ واڌ ٿيندي. شروعاتي طور 550 ڪئميرائون لڳايون پيون وڃن، جن جو انگ ڊسمبر 2025 تائين وڌائي 1300 ڪيو ويندو.

ان ڪان علاوہ، HTV/LTV لائسنسنگ جو نظام بہ سڌاريو ويو آهي، جنهن تحت ڊرائيور لاءِ 30 ڪلاڪ جو لازمي اڳواٽ تربيتي ڪورس مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو ڊرائيونگ لائسنس اٿارٽي جي تسليم ڪيل ادارن مان ڪرايو ويندو. ڪمرشل گاڏين ۾ GPS ٽريڪرز، ڊيش ۽ ريئر ڪئميرا، ڊرائيور مانيٽرنگ ڪئميرا ۽ سائيڊ انڊر پروٽيڪشن گارڊز جي لازمي تنصيب پڻ ٽريفڪ مينيجمنٽ سڌارن جو حصو آهي.

سنڌ ۾ ڊرائيونگ لائسنس واري عمل ۾ شفافيت ۽ ڪارڪردگي کي يقيني بڻائيندي آن لائن پورٽل شروع ڪيو ويو آهي، جنهن ذريعي موجوده لائسنس جي تجديد ۽ لرنر لائسنس لاءِ درخواستون ڏنيون وڃن ٿيون (گذريل 3 مهينن دوران 100,000 ڪان وڌيڪ آن لائين درخواستون وصول ٿيون ۽ لائسنس صارفين تائين پهچايا ويا). گذريل 4 مهينن دوران 2,31,937 نوان لرنر لائسنس ۽ 51,994 مستقل لائسنس جاري ڪيا ويا. ان ڪان علاوہ، 63,604 لائسنسز جي تجديد ڪئي وئي.

ڊرائيورن جي احتساب کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڊرائيونگ لائسنس ۾ "ڊي-ميرٽ پوائنٽ سسٽم" متعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن تحت هر لائسنس هولڊر کي 30 ڪريڊٽ پوائنٽ ڏنا ويندا ۽ خلاف ورزين تي ڊي-ميرٽ پوائنٽ ڪٽيا ويندا، جنهن سان مسلسل خلاف ورزين جي صورت ۾ لائسنس معطل يا رد ٿي سگهي ٿو.

پوليس اسٽيشن کي پوليسنگ جي بنيادي يونٽ طور ڏسندي، ان جي صلاحيتن جي واڌ لاءِ ڪيترائي قدم کنيا ويا. پوليس اسٽيشن کي مالي طور خودمختيار بڻائڻ لاءِ بجيٽ جي منتقلي ڪئي وئي. موجودهہ مالي سال ۾ پوليس اسٽيشنز لاءِ 3.74 ارب رُپيا مختص ڪيا ويا، جيڪي SHOs/SIOs طرفان ڊي ڊي او طور استعمال ڪيا ويا. سنڌ حڪومت مالي ضابطا تبديل ڪري سب انسپيڪٽر کي ڊي ڊي او جي حيثيت ڏني. پوليس اسٽيشنز جي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ جي شروعات ڪئي وئي ۽ موجوده مالي سال دوران 31 پوليس اسٽيشنز کي 280 ملين رُپين جي لاڳت سان اپگريڊ ڪيو ويو، جڏهن تہ ايندڙ مالي سال ۾ وڌيڪ 50 پوليس اسٽيشنز اپگريڊ ڪيون وينديون.

پوليس اسٽيشن ۾ نفري جي اثرائتي ۽ بهتر ورڇ ڪئي وئي. ماضي ۾ پوليس اسٽيشن تي صرف 45 سيڪڙو اهلڪار موجود هوندا هئا پر هاڻ هيڊڪوارٽر يا ٻين

انتظامي ڊيوٽيز تي مقرر اهلڪارن کي گهٽائي پوليس اسٽيشنز تي نفري وڌائي 60 سيڪڙو ڪئي وئي آهي.

پوليس اهلڪارن جي همت افزائيءَ لاءِ پوليس ويلفيئر جا ڪيترائي بهتر اُپاءَ ورتا ويا آهن. سنڌ حڪومت پوليس اهلڪارن لاءِ صحت جي سهولت کي اهميت ڏيندي "سنڌ پوليس هيلٿ انشورنس اسڪيم" منظور ڪئي، جنهن لاءِ 4.96 ارب رُپيا رکيا ويا ۽ اسڪيم کي اسٽيٽ لائف انشورنس ڪارپوريشن هلائي رهي آهي. عام ڪيٽيگري ۾ 15,248 اهلڪارن فائدو ورتو، جڏهن ته 269 خاص ڪيسن ۾، جتي خرچ هڪ ملين رُپين کان وڌيڪ هو، انهن کي به اسڪيم تحت رقم فراهم ڪئي وئي.

شهيدن لاءِ مالي پيڪيج وڌايو ويو. اڳوڻو 10 ملين رُپين جو پيڪيج وڌائي مختلف رينڪس لاءِ نون مالي پيڪيجز جو اعلان ڪيو ويو، جن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 23.5 ملين ۽ وڌ ۾ وڌ 70 ملين رُپيا شامل آهن، ان سان گڏ شهيد اهلڪارن کي رٽائرمينٽ جي عمر تائين پگهار جي ادائيگي ۽ ٻن وارثن کي شهيد ڪوٽا تحت نوڪري پڻ ڏني ويندي.

## سنڌ حڪومت پاران روزگار جي فراهمي، امن امان جي بهتري لاءِ قدم

سنڌ حڪومت پنهنجي نظريي تحت سنڌ جي عوام لاءِ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ ۽ صوبي ۾ امن امان جي بهتري لاءِ نفريءَ جي کوٽ کي سامهون رکندي بجيٽ پابندين باوجود سنڌ پوليس ۾ ڀرتيون جاري رکڻ جي اجازت ڏني، جڏهن ته ٻين کاتن ۾ ڀرتين تي پابندي لاڳو هئي.

گذريل هڪ سال دوران سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي 65 ڊي ايس پيز ۽ 10 ڊي ايس پي ليگل جي مقرري عمل ۾ آندي وئي. اهڙيءَ ريت 94 اسسٽنٽ سب انسپيڪٽرز (ASIs) کي اسپيشل پروٽيڪشن يونٽ ۾ چيني شهرين جي حفاظت لاءِ مقرر ڪيو ويو، جڏهن ته سنڌ پوليس جي مختلف يونٽن لاءِ 1821 اي ايس آئيز جي ڀرتي جو عمل جاري آهي.

سنڌ پوليس ٿرڊ پارٽي ٽيسٽنگ سروس (سکر آئي بي اي) ذريعي پاڪستان آرمي ۽ سي پي ايل سي سان گڏجي سپاهين جي ڀرتي مڪمل ڪئي. گذريل سال 19,121 سپاهي ۽ 513 ڊرائيور مقرر ڪيا ويا. ان کان علاوه شهيد ڪوٽا تحت 108 ۽ فوتي ڪوٽا تحت 705 ڀرتيون ڪيون ويون.

2 هزار اي ايس آئيز (انوسٽيگيشن) جي مقرري جي تجويز منظوري جي آخري مرحلي ۾ آهي ۽ جلد ئي پرتي جو عمل شروع ٿيندو.
انهن سڀني قدمن جي روشني ۾ ايندڙ مالي سال لاءِ سنڌ ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن لاءِ بجيٽ جي تجويز ڪيل رقم 179.7 ارب رپيا آهي.
نتيجي طور تي، اسان صوبي ۾ امن امان قائم رکڻ لاءِ پنهنجي بي لوث عزم ورجايون ٿا ته سنڌ پوليس ۾ سڌارا آڻيندي ان جي تربيت ۽ افرادي قوت ۾ واڌ ڪئي پئي وڃي ته جيئن چئلينجز کي مُنهن ڏئي سگهجي.

## پيپلز انفارميشن ٽيڪنالاجي پروگرام (PITP)

اها منهنجي لاءِ وڏي فخر جي ڳالهه آهي ته سنڌ حڪومت پاران شروع ڪيل هڪ انقلابي قدم، پيپلز انفارميشن ٽيڪنالاجي پروگرام (PITP) جو ذڪر ڪيان. هي پروگرام سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي ڪاتي ذريعي سنڌ جي ٽن اهم يونيورسٽين جي پارٽنرشپ سان نصب ڪيو ويو جن ۾ شامل آهن:

اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڪراچي، مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو ۽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي

PITP جي پهرين مرحلي ۾ PRO-POOR منصوبي جي حصي طور، 500 ملين رپين جي سيڙپڪاري برابري جي بنياد تي مٿين يونيورسٽين ۾ ڪئي وئي، جيڪا نه رڳو مالي مدد پر نوجوانن کي جديد ڊجيٽل مهارتن ۾ پَڙُ ڪرڻ لاءِ هئي.

اسان جو هدف 14,428 شاگردن جي تربيت هو، پر اسان هن حد کي پار ڪندي 14,565 شاگردن کي تربيت ڏني. انهن مان 4350 کان وڌيڪ شاگردن کي نوڪريون ملي چڪيون آهن، جيڪي تقريبن 49 ملين رپيا سنڌ جي معيشت ۾ حصو ڏئي رهيا آهن.

اين اِي ڊي يونيورسٽي 4,503 شاگردن کي تربيت ڏني، مهراڻ يونيورسٽي 4,504 شاگردن کي تربيت ڏني، جڏهن ته سکر آءِ بي اي 4,558 شاگردن کي تربيت ڏني. بهتر ڪارڪردگي جي اعتراف طور، بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ 300 شاگردن کي گوگل ڪروم بوڪس ڏنا پيا وڃن.

PITP رڳو انگن اکرن جو نالو ناهي، پر برابري، موقعي ۽ پائيواري جو نالو آهي جنهن تحت سکر آءِ بي اي ۾ 40 سيڪڙو عورتن جي شرڪت، اين اِي ڊي ۾ 36 سيڪڙو ۽

مهراڻ يونيورسٽي ۾ 33.6 سيڪڙو، جنهن مان 62 سيڪڙو حصو وننڊڙ شاگرد ٻهراڙيءَ جي علائقن جا هئا.

**PITP جو ٻيو مرحلو**

هاڻ آءٌ خوشيءَ سان اعلان ڪريان ٿو تہ PITP-II جو آغاز ٿي رهيو آهي، جنهن لاءِ 1400 ملين رپين جي بجيٽ رکي وئي آهي. هي مرحلو 12 جديد آءِ ٽي شعبن جهڙوڪ ڊيٽا سائنس، آرٽيفيشل انٽيليجنس، سائبر سيڪيورٽي ۽ فل اسٽيڪ ڊولپمينٽ ۾ 35,000 شاگردن کي تربيت ڏيڻ جو هدف رکيو ويو آهي.

نئين مرحلي ۾ اين اِي ڊي ڪراچي ۾ 12,000 شاگردن کي تربيت ڏني ويندي، مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ 8,000 شاگردن کي تربيت ڏني ويندي، قائد عوام يونيورسٽي بينظير آباد ۾ 7,000 شاگردن جڏهن تہ سکر آءِ بي اي ذريعي 8 هزار شاگردن کي تربيت ڏني ويندي. بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ 5 سيڪڙو شاگردن جي همٿ افزائي لاءِ 1,750 گوگل ڪروم بوڪ ورهايا ويندا.

اسان کي اميد آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو تربيت يافتہ شاگردن کي روزگار ملندو، جن جي سراسري طور ماهوار آمدني 60,000 رپيا هوندي. ايندڙ پنجن سالن دوران هي پروگرام 5040 ملين رپين جي سماجي ۽ اقتصادي موٽ ملندي، جيڪا اسان جي سيڙپڪاري تي 3.6 ڀيرا اقتصادي موٽ هوندي.

PITP-II رڳو تربيت وارو پروگرام ناهي پر پائيدار ترقياتي هدفن لاءِ خاص طور تي مستقل معيار واري تعليم (SDG 4)، مناسب روزگار ۽ معاشي ترقي (SDG 8) ۽ غربت فرق کي گهٽائڻ (SDG 10) لاءِ هي هڪ وڏو قدم آهي هن مهم ذريعي اسين جنس جي بنياد تي فرق، يا جاگرافيائي رڪاوٽن جي باوجود رڳو ماهر ورڪ فورس نہ پر سنڌ جي هر نوجوان جي مستقبل جي تعمير ڪري رهيا آهيون. آخر ۾، آءٌ سيني اسٽيڪ هولڊرز جنهن ۾ يونيورسٽيون، صنعتون، سول سوسائٽيز ۽ ترقياتي پائيوارن کي دعوت ڏيان ٿو تہ هن ڊجيٽل انقلاب واري سفر ۾ اسان جو ساٿ ڏين، تہ جيئن اسين سنڌ صوبي کي پاڪستان ۾ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي مستقبل لاءِ ترقيءَ جو مثال بڻائي سگهون.

**تعليمي خدمتون**

تعليم انسان جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. پاڪستان پنهنجي آبادي جي تقريباً 67 سيڪڙو 30 سالن تائين جي نوجوانن جي هجڻ سبب دنيا ۾ نوجوان ملڪن ۾ شامل آهي. سنڌ صوبو هن سنهري موقعي مان فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

پبلڪ فنانسنگ ۾ سنڌ سڀني صوبن ۾ اڳتي آهي. هن سال پرائمري کان يونيورسٽي ۽ طبي تعليم تائين تعليمي ادارن لاءِ وسيلن جي فراهمي ڪئي وئي، جنهن ذريعي ايس ڊي جي-4 (مساوي ۽ معياري تعليم) کي 2030 تائين حاصل ڪرڻ شامل آهي.

الحمدالله، هن سال 74,929 استاد پي ايس ٽِي، جَي اِي ايس ٽِي، سبجيڪٽ اسپيشلسٽس، هيڊ ماسترن جي پرتين کي مڪمل ڪيو ويو. اضافي طور تي 2315 ايس ايس ٽِيز، 790 سبجيڪٽ اسپيشلسٽس (بي پي ايس-17)، 1,188 ارلي چائلڊ هوڊ ٽيچر ۽ 1,237 جونيئر سائنس ٽيچر (بي پي ايس-14) جون پرتيون جاري آهن.

1) 500 غير رسمي تعليمي مرڪز قائم ڪيا ويا آهن، جيڪي تقريباً 15,000 اسڪول نہ ويندڙ ٻارن کي فائدو پهچائي رهيا آهن. ايندڙ مالي سال ۾ انهن ادارن جي مدد لاءِ 1.5 ارب رپين جي رقم مختص ڪئي وئي آهي.
2) سنڌ حڪومت پرائمري کان مئٽرڪ تائين سڀني سرڪاري ۽ پارٽنر اسڪولن ۾ مفت نصابي ڪتاب فراهم ڪرڻ لاءِ 7.5 ارب رپيا خرچ ڪيا، جڏهن تہ ايندڙ مالي سال لاءِ 5 ارب رپيا رکيا ويا آهن.
3) سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF) تحت تقريباً هڪ ملين ٻارن جي 3,000 اسڪولن ۽ مرڪزن ذريعي تعليم تائين رسائي لاءِ 15.6 ارب رپيا خرچ تي چڪا آهن. SEF- Accelerated Digital Learning پروگرام لاءِ 3 ارب رپيا استعمال ڪيا ويا ۽ ايندڙ مالي سال لاءِ 19.1 ارب رپيا رکيا ويا آهن.
4) تعليمي ادارن ۾ نياڻين جي حاضري کي بهتر بڻائڻ لاءِ شاگردياڻين کي 800 ملين رپيا وظيفو ڏنو ويو.
5) پرائمري، سيڪنڊري ۽ هائير ليول تي تعليمي ماحول کي بهتر بڻائڻ لاءِ اسڪول مينيجمينٽ ڪميٽين (ايس ايم سيز) کي 1.2 ارب رپيا ڏنا ويا، جيڪا رقم ايندڙ مالي سال لاءِ بہ برقرار رکي پئي وڃي.
6) يورپي يونين جي سهڪار سان DEEP پراجيڪٽ تحت تعليم ٽارگيٽ پلان جي نفاذ ۽ ٻوڏ سان متاثر ٿيل اسڪولن جي بحالي لاءِ 1.7 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا.
7) ASPIRE منصوبي لاءِ 4.2 ارب رپيا استعمال ڪيا ويا ۽ ايندڙ مالي سال لاءِ 5.5 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن.
8) 312 اسڪولن جون عمارتون مڪمل تي چڪيون آهن ۽ EU-UNICEF، ADB، World Bank، JICA). جي سهڪار سان 5,243 ٻوڏ متاثر اسڪول بحالي جي مرحلي ۾ آهن.

9) اسڪولن جي مرمت، سنڀال ۽ فرنيچر تي 6 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا.
10) سنڌ جي اعليٰ تعليم تي هن سال 34.6 ارب رپيا خرچ ٿيا، جيڪو ٻين صوبن کان وڌيڪ آهي.
11) ترقياتي خرچ لاءِ 26.3 ارب رپيا فراهم ڪيا ويا. پرائمري اسڪولز جي اپگريڊيشن، پرائمري سطح تي ڪمپيوٽر تعليم ۽ اعليٰ ترجيحي ادارن جي تعمير ڏيان جو مرڪز رهي. پرڏيهي ملڪن جي سهڪار سان 8.7 ارب رپيا ابتدائي تعليم کي بهتر بڻائڻ تي ۽ 5 ارب رپيا ثانوي تعليم ۽ اسڪولن جي بحالي لاءِ استعمال ڪيا ويا. SELECT پروگرام تحت 23,000 استادن 2024-25 ۾ تربيت حاصل ڪئي.
12) سنڌ پهريون صوبو آهي جنهن يونيسيف جي سهڪار سان ارلي چائيلڊهوڊ ڪيئر اينڊ ايجوڪيشن پاليسي (ECCE) ۽ Foundational Learning & Numeracy Policy 2024 لاڳو ڪيو آهي؛ 2,500 ارلي چائيلڊ هوڊ ٽيچرس کي تربيت ڏني وئي ۽ 1,000 ECCE ڪلاس روم قائم ڪيا ويا، جن ۾ 205,478 ٻارن جي داخلا آهي. شاگردن جي حاضري جي مانيٽرنگ ۽ ريڊريس سسٽم پڻ پهرئين مرحلي ۾ شروع ڪيو ويو آهي.
i. Adopt-a-School پروگرام تحت 94 پارليامينٽيرين 17 ضلعن ۾ 202 اسڪولن کي ايڊاپٽ ڪيو آهي، جنهن سبب اسڪولن جي انتظام ۽ مالڪيءَ ۾ بهتري آئي آهي. اسڪول ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ 12,000 نجي اسڪولن جي آدمشماري جو جائزو ورتو آهي، جنهن ۾ تقريباً 4 ملين شاگرد شامل آهن ۽ 10 سيڪڙو مفت تعليمي پاليسي لاڳو ڪئي وئي آهي، جنهن سان 162,350 مستحق شاگرد فائدو حاصل ڪندا.

## پائيدار مڪاني ادارن وارو نظام

سنڌ هڪ مضبوط لوڪل گورنمينٽ سسٽم کي ترقي ڏيڻ جو ارادو رکي ٿو. هن سال مڪاني ادارن کي 148 ارب رپيا گرانٽ ڏني وئي، جن ۾ OZT شيئر شامل آهي، گڏوگڏ پگهارن ۾ 30 سيڪڙو واڌ، ميونسپل، ٽائون ڪميٽين ۽ ضلع ڪائونسلز لاءِ 25 سيڪڙو واڌ ۽ پينشن ۾ 10 سيڪڙو اضافو شامل آهي. ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (KMC) کي صرف هي سال 26 ارب رپيا ڏنا ويا آهن ته جيئن اها پنهنجا آپريشنل خرچ پورا ڪري ۽ ترقياتي ضرورتن کي پورو ڪري سگهن.

پاڪستان جو سڀ کان وڏو ميٽرو پوليز جهڙوڪ: سنڌ لوڪل گورنمينٽ بورڊ جي پينشنرز کي سهولتون ڏيڻ جي لاءِ 827 ملين رپيا ڏنا ويا آهن.

ترقياتي شعبي تي هلندڙ مالي سال ۾ ضلعي اي ڊي پي 30 ارب مان وڌائي 55 ارب ڪئي وئي آهي. جنهن مان 38.8 ارب رپيا صوبي جي سيني ضلعن ۾ ڏنا ويا آهن. تہ جيئن بنيادي ڍانچي، ڊرينيج، واٽر سپلائي ۽ گهٽين جي ڪم جي مختلف رٿائن کي پورو ڪيو وڃي ۽ 500 ملين رپيا حيدرآباد ضلعي جي اندروني روڊن جي مرمت لاءِ جاري ڪيا ويا آهن.

## رٽائرڊ ملازمن لاءِ پينشن جا فائدا

رٽائرڊ ملازمن جي حقن جي مجتا طور اسان 35. 2 ارب رپيا جاري ڪيا آهن تہ جيئن 30 جون 2025 تائين رٽائرڊ ٿيل ماڻهن جون سموريون رهتون ادا ڪيون وڃن. سنڌ مالي سال 2024-25 دوران ڀرتي ٿيل نون ملازمن لاءِ ڪنٽريبيوشن پينشن اسڪيم متعارف ڪئي آهي، جڏهن تہ 500 ملين رپيا حيدرآباد ڊيولپمينٽ اٿارٽي جي ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن ادا ڪرڻ لاءِ خرچ ڪيا ويا آهن، ساڳي ريت لاڙڪاڻو ڊيولپمينٽ اٿارٽي جي ملازمن جون پينشن جون رهتون ادا ڪرڻ لاءِ 82 ملين جا فنڊز جاري ڪيا ويا آهن.

## ملازمن جي مالي مدد

ڊيوٽي دوران فوت ٿيل ملازمن جي خاندانن جي ڏکيائين کي نظر ۾ رکندي 4.4 ارب رپيا جاري ڪيا ويا آهن. تہ جيئن هلندڙ سال فوت ٿيل سرڪاري ملازمن جي خاندانن جي مالي امداد ڪري سگهجي.

## راندين ۽ ثقافتي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ

ثقافتي يادگارن جي تحفظ ۽ لائبريرين جي سارسنڀال صحت مندراندين کي هٿي وٺرائڻ، ثقافتي سرگرمين ۽ مختلف راندين جا ايونٽ ڪرائڻ جن ۾ گهٽين جي ٻارن لاءِ راندين، ٿر جيپ ريلي، قومي راندين، اسڪواش جي ميزباني ڪرڻ سميت ڪراچي ۾ باڪسنگ جي چيمپيئن شپ ڪرائڻ لاءِ هلندڙ سال 4.7 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا آهن. گڏوگڏ اولمپڪ راندين ۾ گولڊ ميڊل حاصل ڪندڙ ارشد نديم ۽ شهير آفريدي لاءِ ڀارت خلاف ڊبليو بي اي جا مقابلا کٽڻ تي کين اعزازن سان نوازيو ويو. ان سلسلي ۾ 4.65 ملين رپيا

پاڪستان جي پهرين عورت باڪسنگ ٽائيٽل ماٽيندڙ عاليه سومرو لاءِ اسپانسر ڪيا ويا آهن ته جيئن هوءَ ايندڙ باڪسنگ جي مقابلن ۾ حصو وٺي سگهي.

عالمي ثقافتي فيسٽول 2024 هڪ اعليٰ قسم جو ايوينٽ هو جنهن ۾ 44 ملڪن جي 450 فنڪارن حصو ورتو. جنهن عالمي ثقافتي نقشي تي پاڪستان جو مضبوط ۽ هاڪاري تاثر ڇڏيو، اهو فيسٽول اسان جي شاندار ورثي ۽ جديد تخليق سان ملهايو ويو جنهن ۾ اسان جي مهمان نوازي، آڌر ڀاءَ ۽ ڪليل دل جون ڪهاڻيون عالمي سطح تي اُجاگر ٿيون. اهو وڏي پيماني تي ڪامياب فيسٽيول پاڪستان جي ثقافتي سفارتڪاري جي ڪوشش طور پوري دنيا تسليم ڪيو.

ان ئي تسلسل ۾ ايندڙ مرحلو جيڪو نومبر جي ۾ ٿيندو، ان ۾ 100 کان وڌيڪ قومن جا فنڪار حصو وٺندا جنهن ۾ يورپ، اتر ۽ وچ آمريڪا، آفريڪا ۽ مڊل ايسٽ جا نمائنده پاڪستان جي ثقافتي جذبي کي ڏسندا ۽ امن ڀائيچاري جو پيغام ساڻ کڻي ويندا.

## معذور ماڻهن لاءِ موقعا پيدا ڪرڻ

اسان ان تي يقين رکون ٿا ته (مخصوص صلاحيتون رکندڙ فردن) کي ان قابل بڻائجي ته هو معاشري ۾ پنهنجيون صلاحيتون ڪتب آڻين ان مقصد لاءِ 4.8 ارب رپيا هلندڙ سال خرچ ڪيا ويا آهن.

وڏيڪ اهو ته مخصوص صلاحيتن وارن ٻارن جي چرپر کي نظر ۾ رکندي حڪومت مخصوص ڊزائين وارين گاڏين جي خريداري لاءِ ڪين سهولتون مهيا ڪيون آهن ته جيئن سندن اچ وڃ جي سفر کي يقيني ۽ ڪين ان قابل بڻائجي ته اهي تعليمي ۽ بحالي واري مرڪزن تائين رسائي حاصل ڪري سگهن.

اهڙيون ڪوششون اهو تاثر ڏين ٿيون ته حڪومت جي جامع ۽ وسيع سوچ آهي ته مخصوص ٻارن کي سگهارو بڻائجي ۽ سندسن تعليم، معاشرتي ۽ ترقيءَ ۾ ڀائيواري ۾ حصو وٺرائي سگهجي.

## سينٽر فار آٽزم ايند ريهيبليٽيشن ايند ٽريننگ سنڌ (سي_ آرٽس)

سينٽر فار آٽزم ايند ريهيبليٽيشن ايند ٽريننگ سنڌ( سي_ اي آر ٽي ايس) جي پهرين سينٽر جي ڪاميابي کان پوءِ سنڌ حڪومت صوبي جي ٻين شهرن ۾ سينٽر وڌائي

رهي آهي جنهن دوران هيٺيان سي۔ اي آر ٽي ايس هلندڙ سال 2024-25 ۾ قائم ڪيا ويا آهن.

- ✓ سي۔ آرٽس ڪراچي 3
- ✓ سي- آرٽس حيدرآباد
- ✓ سي۔ آرٽس گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز گمبٽ
- ✓ سي۔ آرٽس نواب شاه ايٽ شهيد بينظير آباد
- ✓ سي۔ آرٽس سکر
- ✓ سي۔ آرٽس لاڙڪاڻو

هيٺين هنڌن تي به نوان سي۔ آرٽس سينٽر ايندڙ ٽن مهينن ۾ فعال ٿي ويندا، جيڪي سي۔ آرٽس ٽنڊو محمد خان ۽ سي۔ آرٽس ڪراچي سينٽرل شامل آهن.
ويجهي مستقبل ۾ صوبي جي سمورن ضلعن ۾ اهي سينٽر قائم ڪيا ويندا. جنهن تي ڪم هلندڙ آهي. نوان اسپيشل ايجوڪيشن سينٽر پڻ ڪيماڙي ڪراچي، دوڙ شهيد بينظير آباد، مورو، نوشهرو فيروز، رتوديرو، لاڙڪاڻو، ٺٽو ايٽ مڪلي، قمبر ۽ شڪارپور ۾ قائم ڪيا ويا آهن.

**ان کان علاوه هيٺيان سينٽر پڻ ٻيهر فعال بڻايا ويا آهن،**

- آر سي ايم سي سکر
- گورنمينٽ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر ڪورنگي ڪراچي
- گورنمينٽ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر ڪامپليڪس ايٽ گلشن جوهر بلاڪ 15 ڪراچي
- گورنمينٽ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر ڪمپليڪس ميرپور ماٿيلو
- سي۔ آرٽس پارڪس سميت ملير لانڍي ۽ نارٿ ڪراچي

ساڳي ريت هلندڙ مالي سال ۾ هيٺيون ٻه نيون اسڪيمون مڪمل ٿي وينديون

1) پارڪ ايٽ ايس ٽي 14 پارڪ بلاڪ فائيو ڪلفٽن ڪراچي
2) لاڙڪاڻي ۾ پي ڊي اينڊ آءِ ڊي (PD & ID) سينٽر جي ٻيهر بحالي

## سنڌ انسٽيٽيوٽ آف فزيڪل ميڊيسين اينڊ ريهيبليٽيشن( ايس آءِ ايم پي اينڊ آر)

قانون ۾ ترميم ذريعي ايس آر ايم پي اينڊ آر کي هيلٿ ڊپارٽمينٽ کان ڊي اي پي ڊيڊپارٽمينٽ ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي جنهن جو مقصد خصوصي ماڻهن (PWDs) لاءِ خدمتن جي فراهميءَ کي وڌائڻ آهي.

## گرانٽ ان ايڊ

ڊي اي پي ڊي گرانٽ ان ايڊ وسيلي غير سرڪاري تنظيمن جي مدد ڪري رهي آهي جنهن لاءِ حڪومت 2.9 ارب رپيا رکيا آهن.اهي غير سرڪاري تنظيمون سنڌ صوبي جي 10،500 مخصوص صلاحيتن وارن ٻارن جي خدمت ڪري رهيون آهن.

پرو پوئر انيشيٽيوز (pro_ poor initiatives)

- ✓ غيرسرڪاري تنظيمن NGSOs کي 986 ملين رپيا فراهم ڪيا ويا آهن، ته جيئن صوبي ۾ پي ڊبليو ڊي جي موجوده خدمتن کي هلائي ۽ نوان سينٽر کوليا وڃن جن جا تفصيل هينئين ريت آهن:
  - I. 20 نوان سينٽر قائم ڪرڻ
  - II. 15 انساني صلاحيت وڌائڻ جا سينٽر
- ✓ 400 ملين رپيا پائيوار تنظيمن کي ڏنا ويا آهن ته جيئن خصوصي صلاحيتن وارن ٻارن لاءِ مددگار اوزار حاصل ڪيا وڃن جنهن سان انهن کي تعليم ۾ سکيا ڏني وڃي.

**(55 غيرسرڪاري تنظيمن کي اسسٽو ڊوائيسز لاءِ مالي مدد فراهم ڪئي وئي آهي)**

- ✓ پي ڊبليو ڊي لاءِ ڪم ڪندڙ غير سرڪاري تنظيمن جي فراهمي لاءِ ۽ سرڪاري ادارن کي ريگيولر بجيٽ ذريعي گرانٽ ان ايڊ جي صورت ۾ 1546.228 ملين رپيا ڏنا ويا آهن.

### سنڌ انسٽيٽيوٽ آف فزيڪل ميڊيسن اينڊ ريهيبليٽيشن (SIMP&R)

- ايس آءِ پي ايم اينڊ آر (SIMP&R) جي توسيع جاري آهي.
- (SIMP&R) نواب شاه افتتاح لاءِ تيار آهي
- (SIMP&R) لاڙڪاڻو ٻن کان ٽن مهينن اندر تيار ٿي ويندو
- ڪراچي ۾ (SIMP&R) جي هڪ ٻئي يونٽ تي ڪم جيڪو جولائي 2025 ۾ شروع ٿي ويندو

## مساوي (Inclusive Education)

ڊائريڪٽوريٽ آف انڪليوسو ايجوڪيشن قائم ڪيو ويو آهي تہ جيئن جزوي طور معذور ٻارن ۽ گهٽ سڪنڊڙن ٻارن کي تعليم جي نظام هيٺ آڻي سگهجي.

- ✓ **23 گاڏين جي خريداري** خصوصي صلاحيتن وارن ٻارن جي اچ وڃ لاءِ 350.80 ملين رپين جي خرچ سان 23 گاڏيون خريد ڪيون ويون آهن
- ✓ اهي گاڏيون صوبي جي سمورن اسپيشل ايجوڪيشن ۽ ريهيبليٽيشن سينٽرز تي خدمتون سرانجام ڏئي رهيون آهن.

## انڪلوسو اسپورٽس اينڊ ريڪريئيشنل پارڪس!

- ✓ سنڌ حڪومت 80 ملين رپيا سي آرٽس ۾ پارڪس جي ٻيهر تعمير لاءِ رکيا آهن، اهي پارڪ خصوصي طور خصوصي صلاحيتن وارن فردن لاءِ ڪلفٽن بلاڪ 5 سعوده آباد ملير، لانڍي ۽ نارٿ ڪراچي ۾ قائم آهن.

## انڪليوسو سٽي (DEPD)

سنڌ حڪومت هڪ بهترين قدم کڻي رهي آهي جنهن تحت انڪلويسو سٽي DEPD - سنڌ حڪومت هڪ تاريخي قدم کڻي رهي آهي، جنهن تحت 75 ايڪڙ زمين تي هڪ "Inclusive City" قائم ڪئي پئي وڃي، جيڪا خصوصي طور معذور ماڻهن (PWDs) لاءِ هوندي. هي زمين شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شاهراه تي ڊفينس واري علائقي جي پرسان واقع آهي. هن منصوبو جو مقصد هڪ مڪمل، آسان رسائي وارو ماحول فراهم ڪرڻ آهي، جيڪو معذور ماڻهن جي مختلف ضرورتن مطابق تيار ڪيو ويندو.

"انڪليوسو سٽي" ۾ هي سهولتون شامل هونديون: جديد معيار جا طبي مرڪز ۽ بحالي جون سهولتون، تعليمي ۽ تربيت جا ادارا، نفسياتي ۽ سماجي مدد جون سهولتون، انڪليوسو پارڪ ۽ تفريحي جڳهون، گرين بيلٽ ۽ لاڳاپيل سيني خدمتن جو مرڪز، هڪ ئي هنڌ تي ماهر آرڪيٽيڪٽ ارشد شاهد عبدالله کي هن منصوبي جو ماسٽر پلان تيار ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو نہ صرف ڪارڪردگي پر انڪليوسو ڊيزائن جي معيارن تي بہ پورو لهندو. سنڌ حڪومت هن تبديلي آڻيندڙ منصوبي لاءِ ابتدائي طور تي 5 ارب رپين جي بجيٽ مختص ڪئي آهي ۽ اميد آهي تہ منصوبو ايندڙ ٽن سالن ۾ مڪمل ٿي ويندو. مضبوط گورننس ۽ نگراني لاءِ، هڪ اعليٰ سطحي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جوڙيو

ويو آهي، جنهن ۾ مسٽر سلطان علي الانه، مسٽر مشتاق احمد چاپرا، مسٽر منير ڪمال، مسٽر مروين فرانسس لوبو ۽ لاڳاپيل سرڪاري نمائندا شامل آهن. هي منصوبو سنڌ صوبي ۾ معذور ماڻهن جي عزت، خودمختياري ۽ مڪمل سماجي شموليت ڏانهن هڪ اهم اڳڀرائي آهي.

**ايندڙ مالي سال (2025-26 لاءِ نوان منصوبا شامل آهن:**

**(A)** سنڌ حڪومت / C-ARTS جي اهتمام هيٺ نيورو ريهيبليٽيشن ڪمپليڪس جي تڪميل ۽ قيام تحت، ميرپورخاص، شهيد بينظيرآباد (نوابشاهه) سکر ، لاڙڪاڻو،ڪراچي، ٽنڊو محمد خان ۾ نيورو ريهيب ڪمپليڪس سينٽر جو قيام يقيني بڻايو آهي.

- سکر
- لاڙڪاڻو
- ڪراچي سينٽر
- ٽنڊو محمد خان
- رهائشي سهولت ڪورنگي
- اُجالا سي آرٽس ڊي ايچ اي فيز 8 ڪراچي ۾ ڪم شروع ٿي ويو آهي.

(B) سنڌ انسٽيٽيوٽ آف فزيڪل ميڊيسن اينڊ ريهيبليٽيشن ايس آئي ايم پي اينڊ آر جي تڪميل ۽ قيام تحت لاڙڪاڻي، ڪراچي ۽ سکر ۾ سينٽر ڪاميابي سان هلائي رهي آهي جڏهن ته ڪراچي ڪورنگي، بدين، ٽنڊو محمد خان، شهدادڪوٽ، مورو، دوڙ ۽ منڍي ۾ به جلد ايس آئي ايم پي اينڊ آر جي تحت سينٽر قائم ڪيا ويندا.

- ايس آئي ايم پي اينڊ آر لاڙڪاڻو
- ايس آئي ايم پي اينڊ آر سکر
- ADP اسڪيم تحت بحاليءَ جي مرڪزن جي تڪميل / قيام

**نئين مرڪزن جا هنڌ:**

- ڪراچي، ڪورنگي
- بدين
- ٽنڊو محمد خان
- شهدادپور
- جيڪب آباد
- مورو

- دوڙ (نوابشاه)
- مني

## پيپلز هائوسنگ پروگرام ذريعي رهائش جي فراهمي:

سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز (ٻوڏ متاثرن لاءِ سنڌ پيپلز هائوسنگ پروگرام) سنڌ جي صورتحال کي مڪمل طور تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هي منصوبو نہ صرف پاڪستان، پر سڄي دنيا ۾ قدرتي آفت ڪانپوءِ گهرن جي تعمير جو سڀ کان وڏو منصوبو بڻجي چڪو آهي. مان هي تاريخي ڪاميابي پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين، بلاول ڀٽو زرداري جي نالي ڪريان ٿو، جن پنهنجي ناني جي "روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان" واري خواب کي حقيقت بڻايو. 2022 کان وٺي، اسان 560,000 کان وڌيڪ گهر تعمير ڪري چڪا آهيون، جن تي 848 ملين آمريڪي ڊالر لڳ ڀڳ 237ارب رپيا خرچ ڪيا ويا آهن. صرف هلندڙ مالي سال ۾ تقريباً 128ارب رپيا خرچ ٿيا. اضافي طور 1.1 ملين نوان گهر تعمير جي مختلف مرحلن ۾ آهن ۽ ايندڙ ماليِ سال 2025-26 ۾ هي تعداد وڌي 1.5ملين مڪمل گهرن تائين پهچي ويندو. اسان 1.3ملين کان وڌيڪ فائدو حاصل ڪندڙن لاءِ بئنڪ اڪائونٽ کوليا آهن، جيڪو 12.3 ملين ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ آهي. جيڪو 154 ملڪن جي آبادي کان به وڌيڪ آهي. رهائش جي تعمير لاءِ امدادي رقم سڌي ريت فائدو حاصل ڪندڙن جي بئنڪ اڪائونٽن ۾ منتقل ڪئي وڃي ٿي. سڀ فائدو حاصل ڪندڙ مڪمل طور بااختيار بڻايا ويا آهن. تعميراتي مواد خريد ڪرڻ ۽ مستري پرتي ڪرڻ لاءِ مڪمل اختيار حاصل آهي، جيڪو منصوبي جي اهميت، شفافيت، ۽ ڪارڪردگي کي اجاگر ڪري ٿو. گهرن سان گڏ، اسان پاڻي، صفائي ۽ حفظانِ صحت (WASH) جي منصوبن جي بہ حمايت ڪري رهيا آهيون، جن ذريعي 564,000 ماڻهن کي صاف پاڻي ۽ ٽوئليٽ جون سهولتون مهيا ڪيون وينديون. انهن منصوبن جو سڀ کان اهم پهلو تقريباً 800,000 عورتن (جن ۾ عورتن جي اڳواڻيءَ وارا گهر بہ شامل آهن) جي بااختياري آهي، جن کي پنهنجا اڪائونٽ آپريٽ ڪرڻ جو اختيار ملندو ۽ انهن کي "سند" جي ذريعي زمين جي مالڪي ڏني ويندي.

## ڪراچي ۾ نالي متاثرن لاءِ گهرن جي تعمير!

هن سال، ڪراچي جي ” گجر نالي“ جي متاثرن کي مناسب طور تي معاوضو ڏنو ويو آهي. گهرن جي تعمير لاءِ (هر هڪ 80 گز تي مشتمل)، في گهر 14.5 لک رپين جي

خرچ سان، 10.1 ارب رپين جي رقم گجر، محمود آباد ۽ اورنگي نالن جي متاثرن کي ڪمشنر ڪراچي جي ذريعي منتقل ڪئي وئي آهي.

## صوبي جي انٽيليجنس سينٽر جو قيام

هن سال، سنڌ حڪومت پاران **Provincial Intelligence Fusion & Threat Assessment Centre (PIFTAC)** قائم ڪيو ويو آهي، جيڪو سيني لاڳاپيل انٽيليجنس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان معلومات گڏ ڪرڻ جو هڪ پليٽفارم آهي. ان مقصد لاءِ ابتدائي طور تي 200 ملين رپين جا فنڊز فراهم ڪيا ويا آهن. ان ڪانسواءِ 400 ملين رپين جا فنڊ بلٽ پروف گاڏين جي خريداري لاءِ ڏنا ويا آهن، جيئن ته غير ملڪي شهرين، خاص طور تي چيني انجنيئرز، وفدن ۽ شهرين کي سيڪيورٽي فراهم ڪئي وڃي.

ڪچي جي علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف ڪارروائين لاءِ 342 ملين رپيا خرچ ڪيا ويا آهن.

## پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (PPP) جا منصوبا!

### جناب اسپيڪر!

سنڌ حڪومت ترقي لاءِ پنهنجي واعدي جو اظهار 625 ارب رپين جي مختلف PPP منصوبن ذريعي ڪري رهي آهي، جيڪي مختلف مرحلن ۾ آهن. هي غيرمعمولي واڌ 2010 ۾ 6 ارب رپين مان وڌي 2025 ۾ 625 ارب رپين تائين پهتي آهي. اهي منصوبا مختلف شعبن تي مشتمل آهن، جن ۾ تعليم، صحت، روڊ، پل، پاڻي، توانائي، ٽرانسپورٽ، انفارميشن ٽيڪنالاجي، صنعتي ۽ معاشي زون، زراعت ۽ ڀيلاڪاري شامل آهن. هن وقت، 190 ارب رپين جي لاڳت وارا منصوبا تعميراتي مرحلي ۾ آهن، جڏهن ته لڳ ڀڳ 365 ارب رپين جي لاڳت وارا منصوبا سيڙپڪارن جي دلچسپي ۽ فزيبلٽي مرحلن ۾ آهن، جيڪي اميد آهي ته مارچ 2026 تائين نجي پائيوارن کي ڏنا ويندا. هن سال PPP منصوبن تي 65 ارب رپين جو خرچ ڪيو ويو آهي. مالي سال 2024-25 دوران حاصل ڪيل اهم منصوبا وار سنگ ميل هيٺ ڏجن ٿا:

### شاهراهِ ڀٽو ايڪسپريس وي منصوبو:

پهرين سيڪشن شاهه فيصل تائين پورو ٽيڙ جو افتتاح 11 جنوري 2025 تي ڪيو ويو. قِيوم آباد کان قائد آباد تائين پهرين سيڪشن جو افتتاح جون 2025 ۾ ٿيندو، جيڪو

شاهراهه فيصل لاءِ متبادل رستو فراهم ڪندو. هي منصوبو ڪراچي ۾ ٽرئفڪ جي رش کي گهٽائيندو ۽ شهر جي مرڪز کان ڪراچي-حيدرآباد موٽر وي تائين سڌو رستو مهيا ڪندو.

## **M9_N5 لنڪ روڊ منصوبو:**

منصوبو اڪثر حد تائين مڪمل ٿي چڪو آهي، ۽ ابتدائي 7.2 ڪلوميٽر تي ٽول آپريشن شروع ٿي چڪو آهي. انٽرچينج جو تعميراتي ڪم NHA/FWO جي ذريعي آخري مرحلي ۾ آهي، جنهن جو جزوي افتتاح جون 2025 ۾ ٿيندو. مڪمل تڪميل سيپٽمبر 2025 ۾ متوقع آهي، جيڪا نيشنل هاءِ وي کي M9 موٽر وي سان بي رڪاوٽ ڳنڍيندي.

## **ماربل سٽي منصوبو:**

ڪنسيشن معاهدو نومبر 2024 ۾ ڪيو ويو ۽ منصوبي جو تعميراتي ڪم جون 2025 ۾ شروع ٿي چڪو آهي. هن جو مقصد ماربل، گرينائيٽ ۽ لاڳاپيل صنعتن لاءِ هڪ صنعتي اسٽيٽ قائم ڪرڻ آهي.

## **گهوٽڪي- ڪنڊڪوٽ پل منصوبو:**

درياءَ سنڌ تي 12.2 ڪلوميٽر ڊگهي هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين پاڪستان جي وڏي پل جي تعميري حالتن ۾ تيزي آئي آهي، ۽ اميد آهي ته منصوبو ايندڙ ٻن سالن اندر مڪمل ٿي ويندو.

## **JICA پاران بحال ڪيل 19 گرلز ايليمينٽري اسڪولن جو منصوبو!**

54 مان 19 اپگريڊ ڪيل ايليمينٽري اسڪول فيز 1 هيٺ نجي پائيوارن کي EMO ماڊل ذريعي حوالي ڪيا ويا آهن.

## **راڻي باغ حيدرآباد منصوبو:**

هن منصوبي جي بڊنگ جو عمل جون 2025 ۾ مڪمل ٿي ويو آهي، ۽ بنياد رکڻ جي تقريب آگسٽ 2025 ۾ ٿيڻ جي اميد آهي. مقصد راڻي باغ کي جديد، اعليٰ معيار جي پارڪ ۾ تبديل ڪرڻ ۽ حيدرآباد ۽ ويجهن علائقن جي رهواسين لاءِ تفريحي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي.

## آلودگي گھٽائڻ لاءِ وڌڪاري جو منصوبو:

سيڙپڪارن جي دلچسپي ونڻ جو عمل جون 2025 ۾ مڪمل ٿيندو ۽ ڪنسيشن معاهدو جولاءِ 2025 ۾ ڪيو ويندو. ان جو مقصد دريائي ٻيلن جي بحالي ۽ عالمي مارڪيٽن ۾ ڪاربان ڪريڊٽس جي وڪري ذريعي پرڏيهي مٽا سٽا حاصل ڪرڻ آهي.

## اين اي ڊي ٽيڪنالاجي پارڪ:

ڪويت انويسٽمينٽ اٿارٽي جي ماتحت اداري سان ڪنسيشن معاهدي جي حتمي مرحلي ۾ آهي، جيڪو جولاءِ 2025 ۾ ڪيو ويندو.

هي منصوبو آئي ٽي شعبي جي صلاحيتن کي عالمي برآمدي ميدان ۾ وڌائڻ، واڌاري ۽ جدت لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

## مالي سال 25_2024 لاءِ پيا حڪمتِ عمليءَ وارا قدم!

وائيبليٽي گيپ فنڊنگ :(VGF) 70 ارب اڳ ۾ ئي مختلف پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ منصوبن جي سهائتا لاءِ استعمال ڪيا ويا آهن.

بين الاقوامي ثالثي :تڪرارن جي حل لاءِ عالمي بهترين طريقن سان هم آهنگ ثالثي اختيار ڪئي، جنهن سان شفافيت ۽ سيڙپڪارن جو اعتماد يقيني بڻايو ويندو.

خريداري جي قاعدن ۾ تبديليون :سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز ۾ تبديليون، جن جو مقصد عملن کي آسان بڻائڻ، شفافيت وڌائڻ ۽ بغير گهر جي تجويزن کي بهتر نموني سنڀالڻ آهي.

## زراعت ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت منصوبابندي:

## چانور ۽ ڪڻڪ جي مشيني زراعت جو منصوبو:

چانورن ۽ ڪڻڪ جي پوک لاءِ مڪمل مشيني عمل (ليزر ليولنگ کان ڊرون اسپري تائين ٽرانزيڪشن ايڊوائيزر لاءِ آر ايف پي مئي 2025 ۾ جاري ڪيو ويو سيپٽمبر 2025 ۾ سيڙپڪارن جي دلچسپي ونڻ جو عمل شروع ٿيندو.

## ڪلسٽر فارمنگ ڊولپمينٽ پروجيڪٽ:
علائقي وار باغباني جي ڪلسٽرز جي نقشيسازي، جديد اسٽوريج، پروسيسنگ يونٽن ۽ ٽرانسپورٽ جي منصوبابندي

## پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت اسٽريٽجڪ انفراسٽرڪچر:

### ملير ايڪسپريس وي فيز 1:
12.5ڪلوميٽر ڪنٽرولڊ ايڪسپريس وي، جزوي طور تي اٿاريل ڪراچي بندرگاھ جي ٽرئفڪ کي شاهراھ ڀٽو ايڪسپريس وي سان ڳنڍيندو فزيبلٽي اسٽڊي جون 2025 تائين مڪمل ٿيندي سيڙپڪارن لاءِ دعوت وارو عمل مالي سال 2025-26 ۾ شروع ٿيندو.

### اليڪٽرڪ بسز جو منصوبو!
سنڌ ۾ 1,000 اليڪٽرڪ بسن جو واڌارو، ڪراچي لاءِ 500 بسون مختص
مڪمل انضمام جي اميد مالي سال 2025-26 تائين

## مالي سال 2024-25 جا صوبائي ترقياتي خرچ
سنڌ حڪومت مالي سال 2025-26 لاءِ ساليانو ترقياتي پروگرام (ADP) ترتيب ڏنو آهي، جيڪو گذريل مالي سال 2024-25 جي ترقياتي منظرنامي تي ٻڌل آهي. هي پروگرام ايندڙ چئلينجن ۽ ترقي جي حڪمت عملين جي موٽ آهي. مالي سال 2024-25جو ADP مالي مضبوطي تي زور ڏيندي سيلاب کان پوءِ جي ٻيهر تعمير، هلندڙ اسڪيمن جي تڪميل، ۽ مرڪزي منتقليءَ ۾ گهٽتائي جي باوجود بنيادي ترقياتي شعبن جي تحفظ تي ڌيان ڏنو. انهيءَ سال ۾ ڪو بہ نئون منصوبو شروع نہ ڪيو ويو، جنهن سان حڪومت جي مالي ضابطن ۽ منصوبن جي بروقت تڪميل جي عزم جو اظهار ٿئي ٿو. ان جي ابتڙ، مالي سال 2025-26 جو ADP هڪ ايمرجنسي بحاليءَ کان خودمختيار، شامل ترقيءَ واري واڌاري ڏانهن واٽ وٺي رهيو آهي. جيتوڻيڪ هلندڙ ۽ اثرائتن منصوبن کي ترجيح ڏيڻ جي پاليسي برقرار رکي وئي آهي، نون، محدود ۽ ترجيحي منصوبن جي شروعات ڪئي پئي وڃي، خاص طور تي هينئين شعبن ۾موسمياتي تبديليءَ کي برداشت ڪندڙ زراعت، قابل تجديد توانائي، صاف پاڻي ۽ صفائي سترائي، شهري ترقي، خاص طور تي گهٽ سهولتن وارن ضلعن ۾ هي حڪمت عملي مختصر مدي واري استحڪام ۽ ڊگهي مدي واري تبديلي جي وچ ۾ توازن قائم ڪري ٿي، ۽ گذريل سال مان سکيل سبقن تي ٻڌل آهي.

## ٻن سالن وچ ۾ اهم حڪمت عمليءَ وارو ڳانڍاپو هيٺ ڏجي ٿو:

### ٻوڏ کان پوءِ بحالي:

مالي سال 25-2024 ۾ ڍانچي جي بحاليءَ کان مالي سال 26-2025 ۾ سيڙپڪاري ڏانهن منتقلي، جنهن ۾ قابل تجديد توانائي ۽ پاڻي بچائڻ جا نظام شامل آهن.

### استحڪام کان چونڊ واڌ:

جتي مالي سال 25-2024 ۾ 1,494 اسڪيمن جي تڪميل متوقع آهي، اتي مالي سال 26-2025 ۾ 475 نيون چونڊيل اسڪيمون شامل ڪيون ويون آهن، جيڪي وڌيڪ فنڊنگ ۽ پاليسي جي هم آهنگي سان سهڪار حاصل ڪنديون.

### سماجي شعبي جي مضبوطي:

ٻئي سال تعليم، صحت، ۽ مقامي حڪومت کي ترجيح ڏين ٿا، جتي مالي سال 26-2025 ۾ سماجي ۽ پيداواري شعبي لاءِ 20 سيڪڙو کان وڌيڪ رقم رکي وئي آهي.

### سرڪاري سيڙپڪاري نظام ۾ بهتري:

مالي سال 26-2025 دوران فنڊن جي اثرائتي استعمال، مساوي ايلوڪيشنز ۽ ايس ڊي جِي ايس ۽ رکيل رقمن سان هم آهنگي تي ڌيان وڌايو ويو آهي. مالياتي دٻاءَ جي باوجود مالي سال 2025-26 لاءِ سالياني ترقياتي پروگرام (ADP) کي ٿورو وڌائيندي 1,018 ارب رپين تائين آندو ويو آهي، جيڪو حڪومت جي ترقي جي رفتار کي جاري رکڻ لاءِ ڪيل واعدي جي عڪاسي ڪري ٿو، جنهن موجب ڪارڪردگي، برابري ۽ معاشي بحالي تي ڌيان ڏنو ويو آهي. تجويز ڪيل رقمون هڪ ترقياتي ايجنڊا ڏانهن وک آهن، جيڪي موسمياتي لحاظ کان سمارٽ، سيني کي شامل ڪندڙ ۽ علائقائي توازن تي ٻڌل آهي. جيڪا سنڌ جي ڊگهي مدي واري ويزن سان مطابقت پڻ رکن ٿا.

مالي سال 25-2024 دوران مختص ڪيل 1,777 (LTBC) اسڪيمن مان، 1,494 اسڪيمون (84.074 سيڪڙو) هلندڙ مالي سال 25-2024 ۾ مڪمل ٿي وينديون.

## پيپلز بس سروس – اهم ڪاميابيون

**جاگرافيائي واڌارو:**

پيپلز بس سروس روٽس کي ميرپورخاص ۽ شهيد بينظير آباد تائين وڌايو ويو، جڏهن ته ڪراچي ۽ لاڙڪاڻي ۾مختلف ڪيل رستن تي بسن جو انگ وڌايو ويو، جنهن سان سڄي سنڌ ۾ ان جو اثر نظر اچي رهيو آهي.

**عورتن لاءِ مخصوص ڪيل ايشيا جي پهرين بس سروس:**

ڪراچي ۾ پِنڪ بس سروس لاءِ ٽن نون رستن جو اضافو ڪيو ويو، هاڻي پنجن مختص ڪيل رستن تي 28 کان وڌيڪ بسون هلي رهيون آهن.

### پنڪ بس لاءِ مفت سفر:

شروعاتي ٻن مهينن لاءِ نون متعارف ڪرايل ٽن رستن تي پنڪ بسون مفت هلايون ويون.

### فيڊر رستن ۾ واڌارو:

فيڊر رستن تي 20 اضافي بسون هلائڻ لاءِ مقرر ڪيون ويون.

**خودڪار ڪرايو وصول ڪرڻ جو نظام:**

ادائگين کي آسان بنائڻ ۽ مسافرن جي تجربي کي بهتر بڻائڻ لاءِ، پي بي ايس بسن ۾ جديد خودڪار ڪرايو وصول ڪرڻ جو نظام لاڳو ڪيو ويو.

### سفر ڪندڙن جي انگ ۾ واڌ:

گذريل سال دوران پي بي ايس ذريعي 4 ڪروڙ 10 لک کان وڌيڪ مسافرن کي سفري سهولتون ڏنيون ويون، جنهن جو مطلب آهي ته روزانو لڳ ڀڳ 1,20,000 مسافرن هن سهولت مان فائدو ورتو.

### حڪومتي سبسڊي:

سستي سواريءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت هر سواريءَ تي 26 رپيا ڪرايي ۽ 41 رپيا پيٽرول يعني مجموعي طور تي 67 رپيا في سفر لاءِ سبسڊي ڏني.

**ڪل پيٽرول جي سبسڊي (مالياتي سال 2024-25) 1.2 ارب رپيا ڪل ڪرايي جي سبسڊي (مالياتي سال 2024-25) 1.5 ارب رپيا**

### ڀاڙي جي جوڙجڪ ۾ ترميم:

ڀاڙي جي جوڙجڪ ۾ واڌ ڪئي وئي تہ جيئن خرچ ڪي اثرائتو بڻائي سگهجي ۽ سروس جي ڊگهي مدي واري مالي خودمختياري وڌائي سگهجي.

### آمدورفت جي سهولت:

عوام لاءِ پهچ وڌائڻ ۽ آسان رسائيءَ ممڪن بڻائڻ لاءِ 40 نوان بس روٽس مقرر ڪيا ويا آهن.

## اِي وي بس سروس – ڪاميابيون

### ڪراچي ۾ اي وي بس رستن جو واڌارو:

ڪراچي ۾ ٽن نون اليڪٽرانڪ بسن(EV) جي رستن جو واڌارو ڪيو ويو. هن شهر ڪراچيءَ ۾ گذريل سال 2024 ۾ پاڪستان جي پهرين 50 اليڪٽرانڪ بسن جي فليٽ پهتي، جيڪي ڪاميابيءَ سان شهر جي مختلف رستن تي هلن پيون.

### نئين بسن جي منظوري ۽ خريداري:

100نيون 12-ميٽر جديد اي وي بسون "رينٽ ٽو اون" ماڊل تحت منظور ۽ آرڊر ڪيون ويون آهن، جيڪي جولاءِ 2025 کان آپريشنل ٿينديون.

34 نيون 9-ميٽر اي وي بسون پڻ خريد ڪيون ويون آهن، جيڪي جولاءِ 2025 کان هلڻ شروع ٿي وينديون.

پنج ڊبل ڊيڪر بسون پڻ خريد ڪيون ويون آهن، جيڪي امڪاني طور تي جولاءِ 2025 تائين آپريشنل ٿي وينديون.

### پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت نئون منصوبو:

ٽرانسپورٽ اينڊ ماس ٽرانزٽ ڊپارٽمينٽ (TMTD) پرائيويٽ-پبلڪ پارٽنرشپ (PPP) تحت هڪ نئون منصوبو شروع ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي شهري آمدرفت لاءِ 1000 اليڪٽرانڪ بسن جي فليٽ آندي ويندي.

**جناب اسپيڪر!**

اهي منصوبا سنڌ جي زراعت ۾ تبديلي آڻڻ، گهٽ ڪاربان خارج ڪندڙ گرين ٽرانسپورٽ جي آپشنز ۾ واڌارو ڪرڻ، ۽ اهم شعبن ۾ نجي سيڙپڪاري آڻڻ لاءِ ناهيا ويا آهن. ٽيڪنالاجي، پائيواري، ۽ PRO-POOR حڪمت عمليءَ ذريعي، اسان سيني ڌرين کي شموليت ڏيندڙ، پيداواري، ۽ لچڪدار گهڻ ناٽي معيشت ڪي هٿي ونرائي رهيا آهيون.

**جناب اسپيڪر!**

معاشي بحالي لاءِ ضروري آهي تہ اسان ضروري خرچن، مُک منصوبن جي تڪميل ۽ سنڌ کي سيڙپڪاريءَ لاءِ پرڪشش آپشن بڻائڻ تي پنهنجو ڌيان ڏيون.

هاڻي مان هلندڙ ۽ ايندڙ مالي سال لاءِ مالي منصوبن تي روشني وجهندس، مان مالي سال 2024-25 جي نظرثاني ٿيل ڪاٿن سان شروعات ڪندس.

# مالي سال 2024_25 جا نظرثاني ٿيل ڪاٿا

## صوبائي خرچ

**جناب اسپيڪر!**

مالي سال 2024-25 لاءِ صوبائي خرچن جا نظرثاني ٿيل ڪاٿا 2,916.097 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن، جڏهن ته هن سال لاءِ بجيٽ ڪاٿو 3,056.3 ارب رپيا هو. ان ۾ آمدني، ترقياتي ۽ ڪيپيٽل خرچ شامل آهن.

هاڻي مان صوبائي خرچن جا اهم حصا پيش ڪري رهيو آهيان.

## موجوده آمدني خرچ

موجوده آمدني خرچ (CRE) لاءِ مالي سال 2024-25 جا نظرثاني ڪيل ڪاٿا 1,860.925 ارب رپيا ڪيا ويا آهن، جيڪي هن سال جي بجيٽ اندازن 1,912.4 ارب رپين کان گهٽ آهن.

## موجوده موڙي خرچ 25-2024

موجوده ڪيپيٽل خرچن لاءِ مالي سال 25-2024 جا نظرثاني ڪيل ڪاٿا 237.978 ارب رپيا مقرر ڪيا ويا آهن، جيڪي هن سال جي بجيٽ ۾ مقرر ڪيل 184.8 ارب رپين جي مقابلي ۾ واڌ سميت ڏيکاريا ويا آهن. هي واڌ روپئي-ڊالر جي مٽاسٽا واري شرح ۾ اضافي سبب ٿي آهي، جيڪا 276 کان 282 رپيا في ڊالر جي وچ ۾ رهي، جنهن ڪري پرڏيهي قرضن جي واپسيءَ لاءِ خرچ وڌي ويا آهن. سيڙپڪاريءَ جي سرگرمين لاءِ 198.2 ارب رپين تائين ڪاٿي جي نظرثاني ڪئي وئي آهي، جيڪي موجوده سال جي بجيٽ ڪاٿي 142.6 ارب رپين کان وڌيڪ آهن.

## ترقياتي خرچ 24-2023

اهو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي ته اسين منصوبابنديءَ واري ترقياتي عمل کي اڳتي وڌائي رهيا آهيون، ته جيئن معاشي سست رفتاري دوران به ترقياتي سرگرميون جاري رهن. اهڙي حڪمت عملي سبب موجوده مالي سال ۾ ترقياتي خرچن ۾ تاريخي واڌ آئي آهي.

اهو پڻ ٻڌائڻو پوندو ته گذريل سال سنڌ وفاقي حڪومت جي عدم تعاون تي خدشا ظاهر ڪيا هئا، جيڪا مالي سال 24-2023 لاءِ وفاقي PSDP جي تحت 19 منصوبن لاءِ واعدي ڪيل 52.912 ارب رپيا جاري ڪرڻ ۾ ناڪام رهي. بهرحال، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي پُراثر مداخلت سبب، هن سال تائين اسان کي واعدي ڪيل رقم مان 41 ارب رپيا ملي چڪا آهن.

مالي سال 25-2024 لاءِ صوبائي ترقياتي خرچن جا نظرثاني ڪيل ڪاٿا 846.9 ارب رپيا مقرر ڪيا ويا آهن، جن ۾ 392.7 ارب رپيا صوبائي ADP لاءِ، 55 ارب رپيا ضلعي ADP لاءِ ۽ 296.2 ارب رپيا پرڏيهي امدادي منصوبن (FPA) لاءِ شامل آهن.

# صوبائي ڪل آمدني

**جناب اسپيڪر!**

صوبائي آمدني وفاقي منتقلي ۽ صوبائي وسيلن جو مجموعو آهي. سنڌ جي وسيلن جو وڏو حصو وفاقي منتقليءَ تي دارومدار رکي ٿو، جيڪو ڊيويزيبل پُول مان حصي ۽ سڌي منتقليءَ تي مشتمل آهي. هاڻي مان آمدنيءَ جو ڪاٿو پيش ڪندس.

### وفاقي منتقليون ۽ ورهاست جوڳو پول

مالي سال 2024-25 لاءِ وفاقي منتقلين جو نظرثاني ڪيل ڪاٿو 1,796.11 ارب رپيا آهي، جيڪو هن سال جي بجيٽ اندازي 1,900.8 ارب رپين کان گهٽ آهي. هي گهٽتائي قومي معاشي حالتن، پاليسي شرح ۾ ڦيرڦار، ۽ مهانگائيءَ جي اثر سبب ٿي آهي.
ورهاست جوڳي پُول جا نظرثاني ڪيل ڪاٿا 2024-25 لاءِ 1,623.1 ارب رپيا آهن، جيڪي بجيٽ اندازن 1,747.5 ارب رپين کان گهٽ آهن.
سڌي منتقليءَ لاءِ نظرثاني ڪيل ڪاٿو 129.5 ارب رپيا آهي، جيڪي هن سال جي بجيٽ اندازن 106.4 ارب رپين کان وڌيڪ آهي. اسان کي اميد آهي تہ وفاقي حڪومت مالي سال 2024-25 جي پڄاڻيءَ تائين بجيٽ ۾ سنڌ لاءِ مقرر ڪيل سموري رقم منتقل ڪندي.

## پنهنجي وسيلن مان حاصل ٿيندڙ آمدني جا ذريعا

### ٽيڪس آمدني

سنڌ حڪومت مالي خود انحصاري حاصل ڪرڻ لاءِ "سنڌ ٽيڪس روينيو موبلائيزيشن پلان (STRMP) تحت تجويز ڪيل انتظامي سڌارن تي عملدرآمد جي ڪوشش ڪري رهي آهي. اسان E-PAY سنڌ سهولت پڻ شروع ڪئي آهي، جيڪا آخرڪار سنڌ جي 34 قسمن جي لاڳو ڪيل ٽيڪسن کي هڪ ئي ڊجيٽل پليٽ فارم تي آڻيندي. هن وقت تائين 14 ٽيڪسن کي خودڪار بڻايو ويو آهي، جن مان 8 "اي-پي سنڌ" پليٽفارم تي ۽ 6

"ADC"ادائيگي جي طريقيڪار تحت شامل آهن. هي عمل ايندڙ مالي سال 26-2025 ۾ مڪمل ڪيو ويندو.

سنڌ سيلز ٽيڪس آن سروسز (SST) جي وصولي لاءِ Alternate Delivery Channel (ADC)جي طريقيڪار جو نفاذ، اي-اسٽامپس جو آغاز، نئين لاڳو ڪيل AIT نظام، ۽ سروسز تي سيلز ٽيڪس جي منفي فهرست ڏانهن منتقلي مثبت نتيجا ڏيڻ جي اميد آهي، تنهنڪري صوبائي وسيلن لاءِ نظرثاني ڪيل آمدني جو ڪاٿو مالي سال 25-2024 لاءِ 618.87 ارب رپيا مقرر ڪيو ويو آهي.

سنڌ سيلز ٽيڪس (SST) سروسز تي صوبائي آمدني جو بنيادي ذريعو رهيو آهي. مان هن ايوان کي خوشيءَ سان آگاهي ڏئي رهيو آهيان تہ هن سال اسان 300 ارب رپيا وصول ڪنداسين، جيڪو گذريل سال جي مقابلي ۾ 35 سيڪڙو وڌيڪ آهي.

## نان ٽيڪس آمدني

نان ٽيڪس آمدنيءَ لاءِ نظرثاني ڪيل ڪاٿو 51.5 ارب رپيا مقرر ڪيا ويا آهي.

## پيون وصوليون

پرڏيهي امدادي منصوبن (FPA) لاءِ نظرثاني ڪيل ڪاٿو 296.2 ارب رپيا آهي. جڏهن تہ تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل بجيٽري امدادي گرانٽس جو ڪاٿو هن سال 5.96 ارب رپين تائين لڳايو ويو آهي.

# مالي سال 26-2025 جو بجيٽ ڪاٿو

صوبائي خرچ

**جناب اسپيڪر!**

هاڻي مان ايندڙ مالي سال 26-2025 لاءِ بجيٽ ڪاٿو پيش ڪرڻ ٿو چاهيان.

مالي سال 26-2025 لاءِ صوبائي خرچن جو بجيٽ ڪاٿو 3,450 ارب رپيا آهي، جيڪو جاري مالي سال 25-2024 جي 3,056.3 ارب رپين جي بجيٽ اندازن جي مقابلي ۾ 12.9 سيڪڙو واڌ ڏيکاري ٿو.

هاڻي مان مختصر طور تي موجوده روينيو، ڪيپيٽل ۽ ترقياتي خرچن جا جزا پيش ڪندس.

## موجوده روينيو خرچ

مالي سال 2025-26 لاءِ موجوده روينيو خرچ (CRE) جو بجيٽ ڪاٿو 2,150 ارب رپيا مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو مالي سال 2024-25 جي بجيٽ اندازن 1,912.36 ارب رپين جي مقابلي ۾ 12.4 سيڪڙو وڌيڪ آهي.
هن واڌ جو وڏو سبب آپريٽنگ خرچن تي مهانگائيءَ جو اثر، نان فنانشل ادارن (جن ۾ اسپتالون، سرڪاري يونيورسٽيون، مڪاني ادارا شامل آهن) کي گرانٽ اِن ايڊ، سرڪاري ملازمن لاءِ رليف الائونس جي شڪل ۾ پگهار وڌائڻ ۽ پينشن جي واڌ سبب پينشن خرچن ۾ اضافو آهي.

## ايندڙ بجيٽ 2025-26 جا نمايان نقطا

ايندڙ مالي سال دوران جيڪي شعبا سروس ڊليوري ۽ پنهنجي بهترڪارڪردگيءَ سبب رڪارڊ بجيٽ حاصل ڪري سگهندا انهن جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا.

### تعليمي شعبو

مالياتي سال 2025-26 لاءِ تعليمي شعبي لاءِ بجيٽ جي ڪل رقم 523.73 ارب رپيا تجويز ڪئي وئي آهي، جيڪا گذريل سال جي 458.2 ارب رپين جي بجيٽ کان 12.4 سيڪڙو وڌيڪ آهي. هي خرچ موجوده روينيو خرچ جو 25.3 سيڪڙو آهي. هتي ڪجھ مُک نقطا هيٺ ڏجن ٿا:

- پرائمري تعليم :بجيٽ 136.2 ارب مان وڌائي 156.2 ارب رپيا ڪئي وئي آهي
- مڊل/ايليمينٽري تعليم 36.2 ارب کان وڌائي 42.7 ارب رپيا.
- سيڪنڊري تعليم 68.5 ارب کان وڌائي 77.2 ارب رپيا.
- ڪاليج تعليم 5 ارب رپين جي واڌ سان 39.530 ارب رپيا مقرر ڪئي وئي آهي
- هائير سيڪنڊري اسڪولن ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ جي گهٽتائيءَ کي پورو ڪرڻ لاءِ 200 ملين رپيا سبجيڪٽ اسپيشلسٽ انٽرن لاءِ رکيا ويا آهن.
- ڪاليج عمارتن جي مرمت لاءِ 500 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن
- پرڏيهين يونيورسٽين ۾ لائق شاگردن جي اسڪالرشپ لاءِ 500 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن

- غريب ۽ مستحق شاگردن جي همت افزائيءَ لاءِ ملڪي يونيورسٽي ۾ پڙهائيءَ لاءِ سنڌ ايجوڪيشن اينڊوومنٽ فنڊ تحت 2 ارب رپيا مخصوص ڪيا ويا آهن
- 11 ڪيڊٽ ڪاليجن جو معيار وڌائڻ لاءِ 1.4 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن
- بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن جي رجسٽريشن، امتحان خرچن ۽ اسڪالرشپ لاءِ 3.2 ارب رپيا رکيا آهن
- سيوهڻ ۽ يان سعيد آباد ۾ معياري تعليم فراهم ڪرڻ لاءِ آئي بي اي سکر جي سهڪار سان 2 نوان ڪميونٽي ڪاليج قائم ڪيا ويا آهن، جڏهن ته نوشهرو فيروز، جيڪب آباد، دادو ۽ خيرپور ۾ 380 ملين رپين جي لاڳت سان چار IBA ڪميونٽي ڪاليج قائم ڪيا ويندا
- ٽيڪنيڪل ۽ پيشوراڻي تربيت لاءِ STEVTA جي گرانٽ ۾ 2.6 ارب رپيا ۽ هيومن ريسورس ڊولپمنٽ بورڊ جي گرانٽ ۾ 1.2 ارب رپين جو واڌارو ڪيو ويندو.
- ايندڙ مالي سال لاءِ اسڪولن ۾ اسٽاف جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ 4,400 نيون پوسٽون رکيون ويون آهن.
- سنڌ حڪومت انقلابي قدم کڻندي پنهنجي 34,106 پرائمري اسڪولن کي مالي طور مستحڪم بڻائڻ لاءِ ايندڙ مالي سال ۾ سنڌن پنهنجي ڪاسٽ سينٽر ذريعي بجيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ 18.6 ارب رپيا مختص ڪيا آهن. هاڻي هر اسڪول جو پنهنجو ڪاسٽ سينٽر هوندو ۽ سنڌن هيڊماسٽر، تعلقي ايجوڪيشن آفيسر تي ڀاڙڻ ڪانسواءِ پاڻ ئي بجيٽ خرچ ڪري سگهندا.
- 31 سرڪاري يونيورسٽين ۽ 9 خودمختيار ادارن لاءِ سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن ذريعي گذريل سال جي 35.1 ارب رپين جي ڀيٽ ۾ 42.2 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

## سيني لاءِ گڏيل موقعا – ڊي اي پي ڊي

سماج ۾ ’جامع تعليم‘ جي واڌاري ۽ مختلف صلاحيتن وارن فردن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ فنڊز ۾ واڌ ڪئي وئي آهي، جيڪا بجيٽ ڪاٽن 26-2025 تحت 11.6 ارب رپين مان وڌائي 17.3 ارب رپين تائين ڪئي وئي آهي. اهي خاص تعليمي مرڪز جديد مشينري سان سلهاڙيا پيا وڃن، انهن کي صحت بخش خوراڪ ۽ مطالعي جا ڪِٽ مهيا ڪيا پيا وڃن، جڏهن ته والدين کي ٻارن کي اسڪول آڻڻ لاءِ وظيفا ڏنا پيا وڃن، جنهن لاءِ ايندڙ مالي سال لاءِ 1.1 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن.

جامع تعليم ۾ مختلف صلاحيتن وارن فردن جي بااختياري لاءِ ڪم ڪندڙ نجي پائيوارن/اين جي اوز کي شامل ڪرڻ خاطر ايندڙ سال لاءِ اين جي اوز جي مدد لاءِ 1.6 ارب رپيا رکيا ويا آهن. ان سان گڏ، سنڌ انسٽيٽيوٽ آف فزيڪل ميڊيسن اينڊ ريهبيليٽيشن (SIPM&R)جون سهولتون ڊي اي پي ڊي حوالي ڪيون ويون آهن، جنهن لاءِ ڪراچي، لاڙڪاڻو ۽ حيدرآباد مرڪزن لاءِ بجيٽ ۾ واڌ ڪندي 1.8 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

## صحت ۽ ميڊيڪل سهولتن ۾ بهتري

صحت جي شعبي ۾ خدمتن جي بهتر فراهمي لاءِ مالي سال 2025-26 جو بجيٽ ڪاٿو 326.5 ارب رپيا تجويز ڪيو ويو آهي، جيڪو گذريل سال جي 302.2 ارب رپين جي ڀيٽ ۾ 8 سيڪڙو وڌيڪ آهي. ان ۾ ميڊيڪل ايجوڪيشن لاءِ ايندڙ سال 18.2 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن. ان ڪانسواءِ، عوامي صحت جي يونٽن، ادارن ۽ سهولتن جي بهتر ڪارڪردگي لاءِ 146.9 ارب رپين جي امدادي گرانٽ مختص ڪئي وئي آهي. ايندڙ مالي سال لاءِ ڪجهه اهم مختص ڪيل رقمون هي آهن:

- پيپلز پرائمري هيلٿ انيشيٽو (PPHI) سنڌ لاءِ 16.5 ارب رپيا رکيا ويا آهن.
- پير سيد عبدالقادر شاهه جيلاني انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز گمبٽ لاءِ 10 ارب رپيا رکيا ويا آهن.
- سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولوجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن ڪراچي (SIUT) لاءِ 19 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن.
- شهيد بينظير ڀٽو حادثاتي ايمرجنسي ۽ ٽراما سينٽر ڪراچي لاءِ 4 ارب رپيا رکيا ويا آهن.
- سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيو نيٽولوجي (SICHIN) ڪراچي لاءِ 6.6 ارب رپيا رکيا ويا آهن.
- لاڙڪاڻي ۾ اسپتال جي قيام لاءِ 10 ارب رپيا رکيا ويا آهن.
- انڊس اسپتال لاءِ 8 ارب رپيا رکڻ تجويز ڪيا ويا آهن.
- چائلڊ لائيف فائونڊيشن لاءِ 3 ارب رپيا رکيا ويا آهن.
- سنڌ ايمرجنسي هيلٿ سروس (SIEHS) لاءِ 508 ايمبولينسز، 25 ريپڊ ريسپانس ۽ 12 بوٽ ايمبولينسز جي آپريشنل خرچ لاءِ 5.2 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

- ڏورانهن ڳوناٽن علائقن ۾ موبائل ڊائگنوسٽڪ ايمرجنسي هيلٿ سروس ذريعي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ 557 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن.

## مالي سال 2025-26 دوران مڪمل ٿيندڙ اهم منصوبا

**وائيابيليٽي گيپ فنڊنگ**: مالي سال 2025-26 لاءِ 83 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن ته جيئن مختلف پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (PPP) منصوبن جي سپورٽ ڪري سگهجي.

**نبي سر ڪان واجيهر منصوبو**: هن منصوبي تحت فيبروري 2024 ۾ تعميراتي ڪم شروع ڪيو ويو، ۽ هي منصوبو آگسٽ 2025 تائين ڪمرشل آپريشنز شروع ڪرڻ جي مرحلي ۾ داخل ٿي ويندو، جنهن تحت 45 ڪيوسڪ پاڻي، 60.7 ڪلوميٽر ڊگهي پائپ لائن ذريعي، ٿر بلاڪ-1 جي آءِ پي پيز (IPPs) کي فراهم ڪيو ويندو.

**چانور ۽ ڪٽڪ جي جديد زرعي ميڪينائيزيشن منصوبو**: ٽرانزيڪشن ايڊوائيزرز جي ڀرتي لاءِ مئي 2025 ۾ RFP جاري ڪئي وئي آهي. سيپٽمبر 2025 ۾ سيڙپڪارن کي آڇ ڏيڻ جو عمل شروع ڪيو ويندو. هي منصوبو نجي شعبي کي موقعو ڏيندو ته هو هارين کي جديد مشيني زرعي خدمتون مهيا ڪري، زرعي پيداوار ۾ واڌ آڻي سگهجي.

**ڪلسٽر فارمنگ ترقياتي منصوبو**: مئي 2025 ۾ ٽرانزيڪشن ايڊوائيزرز جي ڀرتي لاءِ RFPجاري ڪئي وئي آهي. سيپٽمبر 2025 ۾ سيڙپڪارن لاءِ عمل شروع ڪيو ويندو. هن منصوبي جو مقصد مختلف علائقن مطابق هارٽيڪلچر فصلن جي نشاندهي ڪرڻ، ۽ جديد اسٽوريج، پروسيسنگ ذريعي پيداوار ۽ منافعي ۾ واڌ آڻڻ آهي.

**ملير ايڪسپريس وي فيز-1**: منصوبي جي فيزيبلٽي اسٽڊي آخري مرحلي ۾ آهي، ۽ جولاءِ 2025 ۾ سيڙپڪارن لاءِ آڇ جاري ڪئي ويندي. منصوبو پورٽ جي ڪمرشل ٽريفڪ کي شاهراهه ڀٽو ايڪسپريس وي سان ڳنڍيي، 24 ڪلاڪ آمد و رفت کي آسان بڻائڻ جو مقصد رکي ٿو.

**سکر ۾ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي وارو نظام**: منصوبي جي فيزيبلٽي اسٽڊي آخري مرحلي ۾ آهي، ۽ جولاءِ 2025 ۾ سيڙپڪارن کي آڇ لاءِ جاري ڪئي ويندي. هي منصوبو نئين واٽر انفرااسٽرڪچر جي تعمير، پراڻين سهولتن جي اپگريڊيشن ۽ جديد ورڇ واري نظام ذريعي پاڻي جي فراهميءَ کي بهتر بڻائيندو.

**سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ** (TP-4): **منصوبي جي فيزيبلٽي اسٽڊي جاري آهي، ۽ نومبر** 2025 **۾ سيڙپڪارن لاءِ آڇ ڪئي ويندي. ورلڊ بينڪ پاران** 100**ملين آمريڪي ڊالر ۽ ايشيائي ترقياتي بينڪ** (ADB) **پاران** 50 **ملين ڊالر ڏنا ويا آهن، جڏهن ته سنڌ حڪومت پنهنجي وسيلن مان** 80 **ملين ڊالر فراهم ڪندي.**

**MGD 5 ساموندي پاڻي ڊيسيلينيشن منصوبو**: ڪراچي جي پاڻي جي کوٽ جو حل تلاش ڪرڻ لاءِ پهريون ساموندي پاڻي صاف ڪرڻ وارو منصوبو. هي منصوبو 2025جي اندر سيڙپڪارن لاءِ آڇ طور جاري ڪيو ويندو.

## 1000 اليڪٽرڪ بسن جو منصوبو:

صوبي سنڌ جي مختلف علائقن ۾ 1000 اليڪٽرڪ بسون مرحليوار ڏنيون وينديون. انهن مان 500بسون ڪراچي لاءِ مخصوص آهن، جن جي مڪمل انٽيگريشن مالي سال 2025-26 ۾ مڪمل ٿيڻ جي اميد آهي.

## اليڪٽرڪ گاڏين لاءِ چارجنگ انفراسٽرڪچر:

اليڪٽرڪ گاڏين جي چارجنگ اسٽيشنز کي اهم عوامي هنڌن تي قائم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ته جيئن سهولت وڌي ۽ صاف گاڏين ڏانهن منتقلي تيزيءَ سان ٿي سگهي . ٽرانزيڪشن ايڊوائيزرز جلد پرتي ڪيا ويندا، ۽ منصوبو ڊسمبر 2025 ۾ سيڙپڪارن لاءِ آڇ طور جاري ڪيو ويندو.

### اسڪولن جي سولرائزيشن (يونيسف جي سهڪار سان):

ٽرانزيڪشن ايڊوائيزرز جولاءِ 2025 ۾ پرتي ڪيا ويندا، جڏهن ته سيڙپڪارن کي آڇ ڏيڻ جو عمل 2025 جي آخر تائين مڪمل ڪيو ويندو.

### نئون انڊسٽريل اينڪليو منصوبو:

**حيدرآباد ۽ سکر ۾ صنعتي اينڪليو قائم ڪرڻ جو منصوبو**. منصوبي جي فيزيبلٽي اسٽڊي آخري مرحلي ۾ آهي، ۽ سيڙپڪارن کي آڇ ڏيڻ جو عمل آڪٽوبر 2025 ۾ شروع ڪيو ويندو.

### لائيو اسٽاڪ فارمن جا ترقياتي منصوبا:

جون 2025 ۾ ٽرانزيڪشن ايڊوائيزرز جي پرتي لاءِ RFP جاري ڪئي وئي .سيڙپڪارن لاءِ آڇ جو عمل آڪٽوبر 2025 ۾ شروع ٿيڻ جي اميد آهي.

**ارلي چائلڊ هوڊ ايجوڪيشن (ECE) سينٽرز:**

جولاءِ 2025 ۾ ٽرانزيڪشن ايڊوائيزرز جي ڀرتي لاءِ RFP جاري ڪئي ويندي. سيڙپڪارن لاءِ آڇ نومبر 2025 ۾ متوقع آهي.

**ٽريڪ اينڊ ٽريس سسٽم:(TTS)**

اهو هڪ جامع اليڪٽرانڪ نگراني وارو نظام آهي، جيڪو مصنوعات تي حفاظت واري مهر لڳائي ٿو، ته جيئن سپلائي چين ۾ واپار جي حقيقي وقت تي نگراني ڪري سگهجي .آگسٽ 2025 ۾ ٽرانزيڪشن ايڊوائيزرز جي ڀرتي لاءِ RFP جاري ڪئي ويندي، جڏهن ته سيڙپڪارن لاءِ آڇ ڊسمبر 2025 ۾ شروع ٿيندي.

## ترقياتي شعبو مالي سال 2025-26

### بجيٽ جو منطقي جائزو ۽ اسڪيمز جي ترجيحن جو تعين

سنڌ حڪومت 595 ارب رپين جي ADP (Annual Development Program) جي شروعات ڪئي، جيڪا کاتن جي گهرجن تي مبني هئي. بهرحال، وفاقي منتقلي ۾ امڪاني گهٽتائي سبب، ADPکي گهٽائي 520 ارب رپين تي آندو ويو، جيڪو 20سيڪڙو گهٽتائي ظاهر ڪري ٿو.

تنهنڪري، ADP 2025-26۾ صرف 475 نيون اسڪيمون تجويز ڪيون ويون آهن، جيڪي رڳو اعليٰ ترجيح وارن علائقن سان لاڳاپيل آهن، جن ۾ ٻوڏ جي بحالي، قابل تجديد توانائي، پنج گهٽ ترقي يافته ضلعن جي ترقي، ڊويزنل هيڊڪوارٽرن جي بهتري، صاف پاڻي ۽ صفائي جون اسڪيمون شامل آهن.

سماجي ۽ پيداوارن وارن شعبن لاءِ 20سيڪڙو واڌو بجيٽ رکڻ جي تجويز ڏني وئي آهي، جڏهن تہ ٻين کاتن لاءِ بجيٽ ۾ ڪا خاص تبديلي ناهي آندي وئي. مالي سال 2025-26 لاءِ اهم شعبن جي بجيٽ هيٺين ريت آهي:

- تعليم کاتي لاءِ: 96.7 ارب رپيا
- صحت کاتي لاءِ: 45.4 ارب رپيا
- آبپاشي کاتي لاءِ: 80.6 ارب رپيا
- انرجيءَ لاءِ 132.79 ارب رپيا
- ايگريڪلچر لاءِ 155.2 ارب رپيا
- لائيواسٽاڪ شعبي لاءِ: 11.25 ارب رپيا

- فشريز شعبن لاءِ: 23.1 ارب رپيا
- مالي سال 2025-26 لاءِ اسپيشل انيشئيٽوز (Special Initiatives) جون تجويزون شامل آهن:
- نئين ترقياتي قدمن لاءِ 15 :ارب رپيا
- ٻوڏ سان متاثر انفراسٽرڪچر جي بحالي لاءِ 12 :ارب رپيا
- قابل تجديد توانائي منصوبن لاءِ 25 :ارب رپيا
- ڪراچي شهري انفراسٽرڪچر جي ترقي لاءِ 12 :ارب رپيا
- سي ايس آر 2024 جي لاڳت جو اثر: 15 ارب رپيا
- ايس ڊي جيز سان هم آهنگ ترقياتي پروگرام: 45 ارب رپيا
- ڊويزنل هيڊڪوارٽر شهرن جي بهتري لاءِ 7.5 :ارب رپيا

ADP 2025-26مالي محتاطي ۽ هدفن تي ٻڌل ترقي جي وچ ۾ حڪمت عمليءَ واري توازن کي ظاهر ڪري ٿو .سماجي شعبن، لچڪ ۽ برابري تي ڌيان ڏيڻ سان، سنڌ حڪومت اهڙي ترقي کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي، جيڪا سيني لاءِ شامل، موسمياتي تبديلين جي حساب سان (climate-smart) ۽ ڊگهي مدي وارن هدفن سان هم آهنگ هجي.

# مالي سال 2025_26 لاءِ نوان قدم

**جناب اسپيڪر!**

اسان جي اڳتي ڌسندڙ ترقياتي ايجنڊا جي حصي طور، سنڌ حڪومت تعليم، صحت، زراعت، انفراسٽرڪچر، سماجي تحفظ ۽ مڪاني گورننس جي اهم شعبن ۾ نون انقلابي قدمن جو اعلان ڪندي فخر محسوس ڪري ٿي.

اهي سڀ نيون تجويزون اسان جي برابري، جدت ۽ سيني کي شامل ڪندڙ واڌاري جي عزم کي ظاهر ڪن ٿيون.

## تعليم ۽ مهارتن جي واڌاري لاءِ قدم

### ٽيچر ليڊ (Teacher-Led) اسڪول مخصوص بجيٽ:

مالي سال 2025-26 ۾ تعليم واري شعبي جي تاريخي تبديليءَ طور، سنڌ حڪومت اسڪولن جي سطح تي بجيٽ جي منتقليءَ جو قدم کنيو آهي. هن قدم تحت، هر سرڪاري اسڪول جي هيڊ ٽيچر کي، سندن گريڊ جي پرواهه کان سواءِ، اختيار ڏنو ويو آهي ته هو

پنهنجي اسڪول جي مخصوص ڪاسٽ سينٽر مان فنڊ ڪڍي، خرچ ڪري سگهي. اهو قدم ملڪ ۾ پهريون پيرو ورتو ويو آهي.انهيءَ انقلابي قدم جي نتيجي ۾ 34,100 کان وڌيڪ سرڪاري اسڪولن لاءِ آپريشنل بجيٽ جي لاءِ مخصوص ڪاسٽ سينٽر قائم ڪيا ويا آهن ۽ انهن ۾ بجيٽ پڻ مهيا ڪئي وئي آهي.

## آپريشنل بجيٽ

هاٽي اسٽيشنري، ٽرانسپورٽ، هم نصابي ۽ راندين جون سرگرميون، نياڻين لاءِ وظيفا، فرنيچر، راندين جي ميدانن جي سار سنڀال، ننڍا مرمت وارا ڪم آپريشنل بجيٽ ذريعي پورا ڪيا ويندا.

### معذور ماڻهن (PWDs) کي بااختيار بڻائڻ:

مددگار ڊوائيس فراهمي پروگرام کي بيٺو ڪيو ويو آهي تہ جيئن 90 کان وڌيڪ اين جي اوز جي سهڪار سان 40,000 معذور ماڻهن کي فائدو پهچي سگهي.

ماهوار وظيفا 2,000رپين مان وڌائي 3,000 رپيا ڪيا ويندا، جن سان گڏوگڏ مفت ڪاڌو ۽ ورديون بہ مهيا ڪيون وينديون.

فائدو ماڻيندڙن جي مجموعي پهچ 70,000مان وڌائي 120,000 ڪئي ويندي.

هيٺيان نوان سينٽر قائم ڪيا ويندا:

**7 ضلعن ۾ C-ARTS/ نيورو-ريهيب ڪمپليڪس**

لاڙڪاڻو ۽ سکر ۾ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف فزيڪل ميڊيسن اينڊ ريهيبليٽيشن(SIPM&R)

ڪراچي، بدين، شهدادپور، ۽ مٺي سميت 10 هنڌن تي نوان ريهيبليٽيشن سينٽر

ڪراچي ۾ نئون نيورو ڊولپمينٽ سينٽر

### جناب اسپيڪر!

سنڌ حڪومت جامع ترقياتي حڪمت عمليءَ طور فخر سان هڪ وسيع نئين حڪمت عمليءَ جو اعلان ڪري ٿي، جن ۾ نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ، صحت جون سهولتون، موسمي لچڪدار انفراسٽرڪچر، پائيدار توانائي، ۽ ڪميونٽي ترقي ۽ ٻيا منصوبا شامل آهن جيڪي لکين ماڻهن جي زندگين تي اثرانداز ٿين ٿا

## يوٿ امپاورمينٽ

### نوجوانن لاءِ علائقائي ترقياتي مرڪز

سنڌ حڪومت، نوجوانن لاءِ سازگار ماحول مهيا ڪرڻ لاءِ "يوٿ ڊولپمينٽ سينٽرز " قائم ڪري، انهن جي توانائين ڪي مثبت رخ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هي قدم هڪ طرف نوجوانن جي احساس محروميءَ کي ختم ڪندو ته ٻي طرف انهن لاءِ هڪ منظم پليٽفارم تي رابطن جا موقعا پڻ مهيا ڪندو. نوجوانن لاءِ ترقياتي سهولتون فراهم ڪرڻ آخرڪار صحت مند ۽ مهارتي بنيادن تي تربيتي سرگرمين جو سبب بڻجندو.

هي سينٽر هر عمر ۽ هر طبقي لاءِ هڪ مرڪز طور ڪم ڪندا، جن ۾ هيٺيون سرگرميون شامل هونديون:

- ڪمپيوٽر ٽريننگ پروگرام
- مهارتي تربيت جو پروگرام
- ڪيريئر ڪائونسلنگ پروگرام
- نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ تي سيمينار
- مقامي اقتصادي ترقي بابت نوجوانن جي صلاحيتن جي واڌاري
- نوجوان سٽيزن جرنلزم
- اي-ڪامرس ۽ فري لانسنگ بابت نوجوانن جي تربيت
- بين الاقوامي يوٿ ايڪسچينج پروگرام / بين الصوبائي نوجوان پروگرام
- نوان آپريشنل يوٿ ڊولپمينٽ سينٽر (مالياتي سال 2025-26): **هيٺيان ضلعن** ۾ 19 يوٿ سينٽرز فعال ڪيا ويندا:
- حيدرآباد
- لاڙڪاڻو
- ميرپورخاص
- ڪراچي اوڀر
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر شڪارپور
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر ڪشمور
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر قمبر
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر جيڪب آباد
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر مٽياري

- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر بدين
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر ڄامشورو
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر عمرڪوٽ
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر گهوٽڪي
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر ٽنڊو الهيار
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر ٽنڊو محمد خان
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر نوشهروفيروز
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر سجاول
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر ڪراچي ڏکڻ
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر ڪراچي اولهه
- ڊسمبر 2025 تائين هينيون 8 YDC اسڪيمون مڪمل ڪري، پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊل تحت هلايون وينديون:
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر دادو
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر سانگھڙ
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر ٺٽو
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر سکر
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر ٿرپارڪر
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر ملير ڪراچي
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر ڪياماڙي ڪراچي
- يوٿ ڊولپمنٽ سينٽر ڪورنگي ڪراچي

## زراعت ۾ سڌارن لاءِ قدم

**جناب اسپيڪر!**

زراعت سنڌ جي معيشت جي مرڪزي ڍانچي جي حيثيت رکي ٿي ۽ لکين ڳوٺاڻن خاندانن لاءِ زندگيءَ جو وسيلو آهي.ان جي تبديل ڪندڙ صلاحيت کي سمجهندي، سنڌ حڪومت هڪ جامع، وڏي مدي وارو زرعي سڌارن جو پروگرام شروع ڪري رهي آهي، جيڪو جديد زراعت، معيشت جي بهتري، ۽ خوراڪ جي تحفظ تي ڌيان ڏئي ٿو.

## پروگرام جا مُک نقطا:

**هدف گروپ:** 1.3ملين ننڍا ۽ وچولي زمين وارا آبادگار (1 کان 25 ايڪڙ تائين)

زميني اثر: پروگرام سنڌ جي 3.5 ملين ايڪڙ زرعي زمين تي لاڳو ٿيندو

عملدرآمد جو طريقيڪار: اڳيان 3-4 سالن دوران بجيٽري مدد ۽ پبلڪ-پرائيويٽ پارٽنرشپ (PPP) ذريعي

## بينظير هاري ڪارڊ تحت آبادگارن لاءِ خاص پيڪيج

"بينظير هاري ڪارڊ" رعايتن ۽ سهولتن جي فراهمي جو بنيادي پليٽفارم هوندو.

اجان تائين 2 لک آبادگار رجسٽر ٿيل آهن

جڏهن تہ مک قدمن ۾ شامل آهن:

## ليزر ليولنگ (مفت سهولت)

25 ايڪڙن تائين زمين جي هڪ پيرو ليولنگ رجسٽرڊ سروس فراهم ڪندڙن ذريعي زرعي مشينري لاءِ رعايت (80 سيڪڙو تائين سبسڊي) اهي قدم فصلن جي پيداوار ۾ 30-35 سيڪڙو واڌ ۽ آبادگارن جي آمدنيءَ ۾ 25 سيڪڙو واڌ جو سبب بڻبا. حڪومت ڊرِپ (DRIP) آبپاشي نظامن تي 80 سيڪڙو سبسڊي فراهم ڪئي آهي، جيڪا 20,000 ايڪڙن تي پوکيل باغن (انبن، پپيتي، زيتون، ليمن، ڪيلن ۽ ڪجيءَ) کي فائدو ڏيندي. ان سان گڏ انپُٽ سبسڊي ۾ ياڻ، ٻج ۽ ڪيڙي مار دوائن لاءِ اگهن جي مدد شامل آهي، جيئن زراعت وڌيڪ ڪارائتي ۽ گهٽ خرچ واري بڻجي سگهي.

## زراعت ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ پروجيڪٽس
## رائيس اينڊ وهيٽ مشينائيزيشن پروجيڪٽس

چانورن ۽ ڪڻڪ جي فارمنگ لاءِ مڪمل سائڪل مشينائيزيشن (استرڪاري کان ڊرون ڦوهاري تائين)

ٽرانزيڪشن ايڊوائيزرز لاءِ آر ايف پي جاري ڪئي وئي آهي (مئي 2025)

سيڙپڪارن کي دعوت ڏيڻ جي شروعات سيپٽمبر 2025 ۾ ڪئي ويندي.

كلسٽرس فارمنگ ڊولپمينٽ پروجيڪٽ
هارٽيڪلچر ڪلسٽرس جي لاءِ علائقي وار ميپنگ
جديد اسٽوريج، پروسيسنگ ۽ ٽرانسپورٽيشن لاءِ منصوبا

## پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ طريقيڪار تحت اسٽريٽجڪ انفرااسٽرڪچر

### مليرايڪسپري وي فيزون

12.5 ڪلو ميٽر تي ٻڌل ايڪسپريس وي جي جزوي تعمير
ڪراچي پورٽ جي ٽريفڪ کي شاهراهِ ڀٽو ايڪسپريس وي سان ڳنڍيو ويندو
فزيبلٽي اسٽيڊي جون 2025 تائين مڪمل ڪئي ويندي
سيڙپڪارن کي دعوت ڏيڻ جو عمل مالي سال 2025-26 ۾ شروع ٿيندو

### اليڪٽرڪ بسز جا پروجيڪٽس

سڄي سنڌ اندر 1000 اي وي بسون هلايون وينديون
500 بسون ڪراچي لاءِ مخصوص ڪيون ويون آهن
منصوبي جي تڪميل مالي سال 2025-26 ۾ متوقع آهي

### صحت جي شعبي جي توسيع ۽ جدت

سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيونيٽولاجي (ايس آءِ سي ايچ اين) جو واڌارو
ميرپورخاص، قمبر، سجاول، گهوٽڪي، ڄامشورو ۽ شهدادپور ۾ 6 نون سيٽلائٽ سينٽرز جو قيام
ايس آءِ سي ايچ اين هن وقت 700 کان وڌيڪ بسترن تي مشتمل آهي---جيڪو وڏين نجي اسپتالن جي مجموعي گنجائش کان ٻه وڌيڪ آهي
ان جي نيونيٽل انٽينسو ڪيئر يونٽ (اين آءِ سي يو) ۾ 262 انڪيوبيٽرس آهن جنهن سان هي دنيا جي وڏن نيٽورڪس مان هڪ آهي
ان جو پيڊياٽرڪ انٽينسو ڪيئر يونٽ (پي آءِ سي يو) 114 بسترن تي مشتمل پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو يونٽ آهي

# ايس آءِ يو ٽي جي توسيع

لاڙڪاڻي ۾ مڪمل ايس آءِ يو ٽي سينٽر جي قيام لاءِ 4.5 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن
هلندڙ مالي سال ۾ نگهداشت جي خاص سهولتن ڪي وڌائڻ لاءِ 10 ارب رپين جي لاڳت
سان لاڙڪاڻي ۾ نئين ٽرشري ڪيئر اسپتال تعمير ڪئي ويندي

## سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي هيلٿ سروسز (ايس آءِ اي ايڇ ايس)

ايمولينس فليٽ کي 283 کان 508 تائين وڌايو ويو آهي.
ڳتيل آبادي ۽ ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ رسائي کي بهتر بڻائڻ لاءِ 25 ريپڊ ريسپانس بائيڪس
۽ 12 بوٽ ايمبولنسز جو اضافو ڪيو ويو آهي

## نوان ٿيليسيما سينٽرس

پنتي پيل علائقن ۾ مريضن جي علاج لاءِ پنج نوان سينٽر قائم ڪيا ويندا

## بيبي فرينڊلي هاسپيٽل انيشيٽو

وڏين سرڪاري اسپتالن ۾ شروع ڪيو ويو آهي جنهن جو مقصد محفوظ، جامع ۽ ٻار جي
جم لاءِ بهتر پرورش وارو ماحول فراهم ڪرڻ آهي

# چوپايو مال ۽ ماهيگيري

## ويسل مانيٽرنگ سسٽمز (وي ايم ايس) جي تنصيب

سمنڊ ۾ ماهيگيرن جي حفاظت ۽ ڳولا کي يقيني بڻائڻ ۽ ساموندي روزگار ۽ قومي
سلامتي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪئي وئي آهي

## لوڪل گورنمينٽ انفرااسٽرڪچر

ڌملوٽي کان ڊي ايڇ اي واٽر پائپ لائن ( 10 ارب رپيا)
ڏکڻ ڪراچي لاءِ پاڻي جي فراهمي جو هڪ شاندار شهري منصوبو
حب ڪينال پروجيڪٽ جي تڪميل (12.7 ارب رپيا)
شهر جي قريبي علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي ۾ واڌ ۽ بحالي

## پبلڪ هيلٿ اينڊ سسٽينبل ڊولپمينٽ گولز (ايس ڊي جيز)

ايس ڊي جي سان لاڳاپيل منصوبن لاءِ 45 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن جن مان 50 سيڪڙو خاص طور تي پاڻي جي رسائي لاءِ رکيا ويا آهن تہ جيئن صاف پاڻي تائين رسائي حاصل ٿئي ۽ آبهوائي اثرن کي برداشت ڪري سگهجي

## رينيوايبل انرجي تائين رسائي

**هوم بيسڊ سولر سسٽم (25 ارب رپيا)**

ٻهراڙي ۽ وانجهيل علائقن ۾ ڊي سينٽرلائيزڊ آف گرڊ سولر سوليوشنز جي لاءِ وڏي رقم رکي وئي آهي.

## ڪوآپريٽو سيڪٽر ريفارم

سنڌ پراونشل ڪوآپريٽو بينڪنگ سسٽم جو قيام جنهن جو مقصد مالياتي داخلا، زرعي ڪوآپريٽو جي سهائتا برادري جي سطح تي قرض ڏيڻ ۽ بچت واري عمل کي سهولت ڏيڻ آهي.

**جناب اسپيڪر!**

هي قدم صرف خرچ ناهن پر اهي موقعن، پائيداري ۽ عزت نفسِ لاءِ سيڙپڪاريون آهن. ايندڙ نسلن کي صحت ۽ زراعت ۾ خودمختيار بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت برابري، پاڻ ڀرائپ ۽ جامع ترقي ۾ پاڙون کوڙيندڙ مستقبل جي آبياري ڪري رهي آهي.

# مذهبي هم آهنگي

سڄي صوبي اندر مختلف مذهبي تهوارن تي خاص تقريرون ڪوٺائڻ ۽ سنڌ اندر مقبرن ۽ يادگارن جي مرمت ۽ بحالي ۽ حضرت سچل سرمست جي درگاهہ جي حفاظت ۽ بحالي لاءِ مالي سال 26-2025 ۾ 550 ملين رپين جي رقم مختص ڪئي وئي آهي.

## آبپاشي جو شعبو

آبپاشي جي شعبي لاءِ تجويز ڪيل رقم 42 ارب رپيا آهي جيڪا سنڌ حڪومت جي هاري برادري ڀلائي ۽ صوبي اندر آبپاشي جي نظام جي بهتريءَ لاءِ ڪيل عزم جي ساک پري ٿي.

**ان ۾ 10 ارب رپيا هيٺين منصوبن لاءِ خرچ ڪيا ويندا**
ايندڙ سال سکر بيراج جي بنديءَ دوران اين ڊبليو ڪينال ۽ دادو ڪينال جي پل صفائي
آبپاشي انفرااسٽرڪچر جي مستقل سارسنڀال.
سنڌ جي مختلف ڪينالن ۾ پاڻيءَ جي بنا خلل وهڪري کي يقيني بڻائڻ

**چوپايو مال ۽ ماهيگيري**

ايندڙ مالي سال ۾ چوپائي مال ۾ ماهيگيري جي شعبي جي لاءِ تجويز ڪيل بجيٽ ڪاٿا 12.9 ارب رپيا آهن. چوپائي مال جي فارمز کي مختلف بريڊس، بريڊنگ جي جديد طريقن، چاري جي پوکائي ۽ فشنگ ۽ اڪوا ڪلچر جي آگاهي لاءِ ايندڙ مالي سال ۾ 120.00 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن.

## ٽيڪس لاءِ اُپاءَ

جيئن آءٌ اڳ ذڪر ڪري چڪو آهيان ته اسان صوبائي خرچن کي صوبائي آمدن سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهنجي ترجيح طئي ڪرڻي پوندي ان هوندي به آمدني کي وڌندڙ خرچ جي تناسب سان وڌائي نٿو سگهجي.

سماجي ترقي جي موجوده صورتحال ۽ عالمي مالياتي ذميوارين کي پورو ڪرڻ لاءِ اسان کي ديسي وسيلن جي ذريعي اضافي فنڊس کي پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهڙي طرح سان اسان هن سال فنانس بل پيش ڪري رهيا آهيون ان جي باوجود اسان سماج جي غريب طبقن تي گهٽ بوجھ وجھڻ لاءِ ان جي اثرن کي محدود ڪرڻ يقيني بڻايو

آهي. ان جا تفصيل هنن دستاويزن سان گڏ فراهم ڪيل پاليسي ڊاڪيومينٽ ۾ ڏسي سگھجن ٿا.

## امدادي اُپاءَ

# پگھار ۽ پينشن

سنڌ حڪومت مهانگائي کي نظر ۾ رکندي ( بي پي ايس 01 کان بي پي ايس 22 ) جي ملازمن لاءِ 10 سيڪڙو ايڊهاڪ ريليف الائونس تجويز ڪيو آهي، جڏهن ته ايندڙ مالي سال 26-2025 ۾ پينشنرن لاءِ اسان 07 سيڪڙو اضافو تجويز ڪيو آهي انهن اپائن جو گڏيل اثر اٽڪل 22 ارب رپيا ساليانو ٿيندو.

سنڌ حڪومت بي پي ايس 01 کان بي پي ايس 06 جي ملازمن کي پرسنل پي جي فراهمي جاري رکڻ تجويز پڻ ڏني آهي ته جيئن ڪوبه ملازم ڇاٽايل ڪيٽيگري ۾ گهٽ ۾ گهٽ 37،000 رپين جي اجرت کان هيٺ نه ٿئي ان انتظام تحت 216،667 ملازمن کي هلندڙ مالي سال دوران سهائتا فراهم ڪئي وئي جنهن جو مالياتي اثر 8.277 ارب رپيا پيو. ايندڙ مالي سال دوران 163,701 ملازمن کي ساڳيو رليف فراهم ڪيو ويندو جنهن جو ساليانو 4.424 ارب رپيا مالياتي اثر پوندو

اسان جي حڪومت جي جامع پاليسين مطابق اسان معذور ملازمن لاءِ اسپيشل ڪنوينس الائونس ماهوار شرح کي 4000 رپين کان 6000 رپين تائين وڌائڻ تجويز ڪيو آهي جنهن جو 114.48 ملين رپيا مالياتي اثر ٿيندو. هن قدم جو مقصد سرڪاري شعبي جي خدمتن تائين وڌ کان وڌ رسائي کي يقيني بڻائيندي معاشري جي تاريخي طور وانجهيل طبقي کي حقيقي مدد فراهم ڪرڻ آهي.

سنڌ حڪومت 30 جون 2025 تي يا ان کان اڳ رٽائرڊ ٿيل سرڪاري ملازمن کي پينشن جي مد ۾ سموريون ادائگيون ڪري ڇڏيو آهن جن جو هلندڙ مالي سال دوران 35 ارب رپيا مالياتي اثر پيو آهي. هلندڙ مالي سال دوران سڄي صوبي اندر اهڙو قدم حڪومت جي پنهنجي ملازمن جي ڀلائيءَ لاءِ پختي عزم ۽ سرڪاري شعبي اندر مالياتي انتظام جي هڪ نئين پيماني جي عڪاسي ڪري ٿو.

## ٽيڪس / غير ٽيڪس رليف

آئي هتي اسان جي ٽيڪس سسٽم کي آسان بڻائڻ ۽ ان جي ماڻهن ۽ ڪاروبارن بڻهي تي مالياتي بوجھ کي گهٽائڻ لاءِ رٿيل ڪجھ اهم تبديلن جو ذڪر ڪندس نئين مالي سال کان هيٺ ڏنل پنج محصول مڪمل طور تي ختم ڪرڻ جي تجويز آهي.

پروفيشنل ٽيڪس جيڪو پگهار دار ماڻهن ۽ ننڍن ڪاروبارن کي متاثر ڪري ٿو

ڪاٽن فيس جيڪا ايگريڪلچر ۽ ٽيڪسٽائل سيڪٽرز ۾ لاڳيتن ۾ اضافي جو سبب آهي ۽ انٽرٽينمينٽ ڊيوٽي جيڪا صوبي اندر ثقافتي ۽ وندر جي سرگرمين کي هٿي وٺرائيندي.

## لوڪل سيس ۽ ڊرينيج سيس

ان ڪانسواءِ موٽر وهيڪل آرڊيننس تحت ڪمرشل گاڏين تي ٽيڪس کي رڳو 1000 رپين تائين گهٽايو پيو وڃي جنهن سان ٽرانسپورٽرن ۽ سامان جي بار برداري ڪندڙن کي تمام گهڻو رليف ملندو.

ان کان علاوه موٽر سائڪلن تي ٿرڊ پارٽي انشورنس جي خاتمي جي تجويز پڻ آهي جيڪا لاڳو ڪرڻ تمام ڏکي ۽ ڪيترن ئي موٽر سائڪليون استعمال ڪندڙن لاءِ مسئلن جو ڪارڻ آهي.

انهن تبديلين سان گڏ وڏيڪ ٽيڪسن ۽ فيسز ۾ گهٽتائي تجويز پڻ هيٺ آهي ته جيئن عوام کي وڏيڪ فائدو ڏئي سگهجي انهن ۾ ميوٽيشن فيس ۽ سيلز سرٽيفڪيٽ فيس 1000 رپين کان 500 رپين تائين گهٽائڻ شامل آهي. سرٽيفائيڊ ڪاپيز لاڳت کي 50 سيڪڙو تائين گهٽايو پيو وڃي، جڏهن ته سالوينسي سرٽيفڪيٽ ۽ هيئرشپ سرٽيفڪيٽس تي فيسز کي 1000 روپين کان 500 رپين تائين گهٽائڻ جي تجويز آهي.

ان کان علاوه اها پڻ تجويز آهي ته موٽر ٿرڊ پارٽي انشورنس تي اسٽيمپ ڊيوٽي کي صرف 50 رپين تائين رکيو وڃي ته جيئن ان کي سستو ۽ قائدن جي پيروي کي آسان بڻائي سگهجي.

## سنڌ روينيو بورڊ

سنڌ سيلز ٽيڪس لاءِ پازيٽو لسٽ سسٽم کي نيگيٽو لسٽ تي بدل هڪ سسٽم ۾ منتقل ڪيو ويندو ته جيئن ان عمل کي يقيني بڻائجي ته سموريون خدمتون ٽيڪس جوڳيون هجن سواءِ انهن جي جيڪي نيگيٽو لسٽ ۾ ڏنل آهن اهو عمل سيلز ٽيڪس جي بنياد ۾ اضافو ڪندو ۽ ٽيرف جي امڪاني جهڳڙن ۽ مقدمہ بازي کي پڻ گهٽائيندو.

موجوده قانون تحت سموريون اهم خدمتون ٽيڪس جوڳيون آهن ۽ خدمتن جو ننڍو حصو ٽيڪس جوڳو ناهي اهڙي صورتحال خدمتن تي ٽيڪس لاڳو ٿيڻ جي سلسلي ۾ جهڳڙن کي پيدا ڪري ٿي جنهن سان غير ضروري مقدمہ بازي ۽ ٽيڪس ادا ڪندڙن جي لاءِ مسئلا پيدا ٿين ٿا ان ڪري نيگيٽو لسٽ رجيم کي سمورين خدمتن تي ٽيڪس لڳائڻ ذريعي تبديل ڪيو پيو وڃي پر ساڳئي وقت اهو بہ خيال رکيو ويندو تہ ضروري ۽ سماجي خدمتن کي ٽيڪس کان آجو رکيو وڃي ۽ نئن خدمتن جو چڱو خاصو حصو ٽيڪس جي گهٽايل شرح هيٺ آندو وڃي ان کان سواءِ ننڍين ڪاروبارن کي تحفظ ڏنو ويندو اهڙا ڪاروبار جن جو ساليانو ٽرن اوور 4 ملين رپين کان گهٽ آهي انهن کي سيلز ٽيڪس جي ادائيگيءَ کان آجو رکيو وڃي.

**سنڌ سيلز ٽيڪس سان لاڳاپيل سهولتن ۾ هيٺيان اُپاءَ بہ شامل آهن.**

سروسز جي موجوده شرح 10 سيڪڙو کي 8 سيڪڙو تائين گهٽايو پيو وڃي

عوامي ڀلائيءَ کي يقيني بڻائڻ ۽ گاڏين تي ٿرڊ پارٽي انشورنس کي هٿي ونرائڻ لاءِ اهڙي انشورنس تي سيلز ٽيڪس شرح کي 15 سيڪڙو کان 05 سيڪڙو تائين گهٽايو پيو وڃي

ريسٽورينٽس ۽ ڪيٽررز کي ٽيڪس ڇوٽ جي حد کي ساليانی 2.5 ملين رپين جي ٽرن اوور کان 5 ملين رپين تائين وڌايو پيو وڃي

ان کان سواءِ طريقيڪارن ۾ پڻ آسانيون پيدا ڪيون پيون وڃن جهڙي طرح خدمتن تي گهٽايل شرح کي اختيار ڪرڻ واري ڳالهہ آهي

اهي سمورا قدم ٽيڪس سسٽم کي آسان، منصفاڻو ۽ عوام جي لاءِ وڌيڪ ڪارآمد بڻائڻ لاءِ کنيا پيا وڃن جڏهن تہ ان جو مقصد معاشي سرگرمين کي هٿي ونرائڻ ۽ عوامي خدمتن تائين رسائي کي بهتر بڻائڻ بہ آهي.

## وڪيل ۽ صحافي برادري لاءِ رليف

سنڌ جوڊيشل اڪيڊمي جي سرگرمين کي تيز ڪرڻ ۽ جوڊيشل آفيسرن کي تربيت ڏيڻ لاءِ وڪيل بار ايسوسئيشنز ۽ ليگل ايڊ سوسائٽي ۽ سنڌ اندر مختلف پريس ڪلبن ۽ مستحق صحافين جي انڊوومينٽ فنڊن لاءِ گرانٽ ان ايڊ جي مد ۾ 800 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن.

## اقليتن لاءِ خصوصي فراهمي

مالي سهائتا، طبي علاج، اسڪالرشپس، ڏاجُ، شادين ۽ اقليتي برادرين عبادتگاهن جي مرمت ۽ سار سنڀال ۽ اڏاوت جي لاءِ 1 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن. اقيلتي برادرين جي عمارتن جي مرمت ۽ بحالي ۽ اڏاوت لاءِ 250.00 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن ان کان علاوه هندو برادري جي غريب ۽ مستحق ماڻهن جيڀلائيءَ لاءِ پاڪستان هندو ڪائونسل کي 50 ملين رپين امدادي رقم فراهم ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي.

## گهٽ ۾ گهٽ اجرت

ناڻي جي ڦهلاءَ ۾ واڌ ۽ عام واهپي وارين شين جي اگهن ۾ واڌ کي نظر ۾ اسان سمورن اسٽيڪ هولڊرس سان صلاح مشوري بعد پورهيتن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اجرت جي مقرري تي نظرثاني ڪنداسين.

## پُڄاڻي

جناب اسپيڪر!

پاڪستان هن وقت هڪ چوواٽي تي بيٺل آهي. اسان وٽ ڪيترائي ڪتب نہ آندل وسيلا ۽ لامحدود صلاحيتون موجود آهن انهن کي ڪتب آڻڻ ضروري آهي ۽ انهن کي ڪتب آڻڻ رڳو تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن اسان سڀ گڏجي هڪ مقصد يعني پاڪستان جي ترقيءَ لاءِ گڏجي ڪم ڪيون.

جناب اسپيڪر!

اسان پلي مختلف رستا ورتون پر منزل لازمي طور تي ساڳي هجڻ گهرجي هڪ پرامن، اسرندڙ ۽ خوشحال پاڪستان ۽ منزل ڏانهن ويندي پاڪستان پيپلزپارٽي عوام جي اڳواٽي ڪئي آهي پنهنجي عزم تي پختي رهي آهي.

اسين ايڪي ۽ ٻڌيءَ سان ئي صوبي ۽ قوم کي ترقي ۽ خوشحالي جي راه تي گامزن رکي سگهون ٿا ۽ مون کي يقين آهي ته الله سائين ان سفر ۾ اسان جي رهنمائي فرمائيندو.

*پاڪستان پائنده آباد*